ساردول

ليکڪ: نارائڻ ڇيتانند ميراڻي "قلندري"



سارڌُول

اديب لامڪان

اوتارو اديبن

ليکڪ :

نارائڻ ڇيتانند ميراڻي

”قلندرِي“

ادبي سنگم پبليڪيشنس ، اجمير

شڪرگذاري

آءٌ مورتي - پرنسيپال روپچند سپاهيملاڻي،
هري همٿاڻي ۽ ڀولڻ ٽيرٿداس مورواڻي "راهي"
پرنسيپال صاحب هن وقت "سنت ڪنور رام"
هفتيوار جو سمپادڪ آهي. هري انعامن جو لٽيرو. هڪ
راجستان سنڌي اڪادمي ۽ ٻيو هندي ڊائريڪٽوريٽ
دهلي مرڪزي سرڪار جي سنڌي وڀاڳ مان ٻه انعام عطا
ڪندڙ آهي. هنن ٻنهي وقت به وقت منهنجا ڪتاب
۽ ليک نظر مان ڪڍيا آهن. "سارڊول" جي ڇپائڻ
۾ ڀولڻ "راهي" ۽ هريءَ واه جي امداد ڪئي آهي.
مان بستري بيمار هوس ته ڪتاب جي ڇپائيءَ جو
بوجهه هنن سر تي کنيو. منهنجيءَ ڌرم پتني شريمتي
پارپتيءَ ٻه هٿ وڌايو جو پريس ۾ وڃي بلاڪن
ڪڍائڻ جو ڪم هن سر تي هموار ڪيو ۽ گهر ۾ ڇاپو
پڙهي ٻه ٻڌائيندي هئي ۽ صحيح نامي تيار ڪرڻ ۾ مدد
ڪئي. وقت ۽ موقعي جي حساب هونءَ ڪتاب تيار
نه ٿي سگهي ها.

ڀولڻ ٻمبئي يونيورسٽيءَ جو ايم.اي. فرسٽ
ڊويزن سنڌيءَ ۾ آهي ۽ ڊگري ڪاليج آدرش
تعليمي سنستائن اجمير ۾ سنڌي پاڙهيندو آهي.
عرض اُگهائي هن جوان مهاڳ لکي "سارڊول"
جي سوڀيا وڌائي آهي.

باغ باغائي



گُلي موتو مل

خوشحال آهي افسانو شاديءَ جو مايو اچي مٺار
ٻرپٽ وسي باغ ٿيو ڦولاريا ڦوُل خوشبوئدار
هاڻ مگر ويو هاڻي گُل جي گلي جو ڇٽي پيو هار
ٻر ياد پياريءَ ويو تاري ٻيڙو ٻارن جو کوهيار



SARDOOL

❀

Narain J. Merani
"Qalandari"

❀

June 1983

❀

Price : Rs. Twelve

❀

Author's Add:
16/194, Ahata Mohalla,
Opp: Shri Talkies,
AJMER–305001

Printed by Shri Girdharilal Gur, at Kohinoor Printers, Shekha Mohalla, Diggi Bazar, Ajmer and Published by N. J. Merani, (otaro Adiban) 16/194, Ahata Mohalla, AJMER - 305001

ديپڪ عرف نريش پگوان موٽومل

جنم: ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٢ع



سڏن ٽنهنجي سڏي وٺي جنم آهيان وريو
ٽيور ٽنهنجيءَ ترشنا گهر ساڳئي آهيان وريو
ڪير وڏو ڪير ننڍو ڪنهن هو سنگ، ٻڌو
لڳن ڪهڙي وري واري ڪهڙو آهي سنگ، ٻڌو

آمد، ١١ آڪٽوبر ١٩١١ع - روان، ١٢ جون ١٩٨٢ع



سرڳواسي موٽومل واڌومل خدابادي

قرار ڏيئي ڪلام پنهنجي ورائي ايندس جنم وٺي
شرف ڏيئي گرب لنهنجي پيئندس اچي ڏوڙ وٺي .

اڄ ٽڪ ڀڳو

أڄ ٽڪ ڀڳو - سپني جو سڳو، لڌو
ڪر هلڻ جو سعيو اُدا، اڄ زندگيءَ جو نڳو، لڌو

أڄ ٽڪ ڀڳو. سمجهه ۾ نه آيو ته اها ٽڪ منهنجي مک مان اچانڪ ڪيئن نڪتي. نوڪريءَ تان فارغ ٿي گهر وريو آهي تڏهن چئبو آهي ته أڄ ٽڪ ڀڳو. نوڪري شيشي جي نوڪري آهي. سا سر تي بوجهه جيان آهي. جڏهن سلامت لاهي مالڪ کي سپرد ڪبي آهي ته دل ۽ دماغ هلڪو پيو سمجهبو آهي. پر تنهن واقعي کي ته سالن جا سال گذري ويا. سنه ١٩٦٨ع جنوري تاريخ ٣ شيوا نورتي حاصل ڪئي هئم. هي سال ١٩٨٢ع آهي. ڪيڏو نه سمو گذري ويو. تنهن حالت ۾ هن ٽڪ "أڄ ٽڪ ڀڳو" اِنهيءَ حوالي ۾ ته ٺهڪي نه پيو ٻيهي.

پوءِ ڀلا تڏهن ڪهڙو حوالو ٿي سگهي ٿو؟ هان - سمجهي آيم ته زندگي سکن ڀري هجي يا ڏکن، پر سا به هڪ نازڪ امانت جيان آهي. جي سک آهن ته گهٽي ۾ گهٽو ڪپي جي لوڙ لڳي پيئي هوندي آهي. ڏکن جي ته ڪهڙي ڳالهه ڪجي. گهٽي ۾ گهٽو ڪپي. هيءَ سکن واريءَ زندگيءَ کي ڪپي ڪپي ۽ حسد

اڄ تائين ياد آهي سپني جو سڀ ڪجهه، لڌو
ڪر هلڻ جو سعيو ادا، زندگيءَ جو تجربو، لڌو



ڪانهيائي ...... پاربتي

سنسار آهي سپنو پر ڏسڻ دوکو ڪيئن چوان
پردي پٺيان چاهي اکل جاڻ تنهنجي ڪيئن لهان
تلاءَ چاڙهي آيس وني سا پٺيان ڪيئن چڙهيان
تنهنجي ٽڪر ڪنهن سان سو به گهاٽو ڪيئن سهان

تقدير آهيان! تعويذ آهيان! ڪنهن بندي تو ڪنهن چڙايان
سچ جو جڏهن لاڀ پتو مان ڇا ڪري ڇا سڏايان
ڪجهه نه ڪري سگهندو طِب کهڙو مان پڇايان
شڪر آهي يا ڪمهتاج آهيان کهڙي گمان ورق ورايان

ڪڏهن ڪجهه گهريو ڪونهي. اهڙا پڪي وشواس جي نشاني آهي. نه ته باقي هو انتريامي ۽ جاڻي جاڻڻهار ڇاجو؟ پر هيءَ هڪ منهنجي ڪمزوري آهي. مون کي ڏپ ويڙهي ويو. ڪاٿي ساه لڪيءَ لڪ نه ڪائي ته هيءَ پنيان ڇڏي تو وڃان ته انت ويلو ڏکيو ٿي پوندو.

منهنجو پيٽويو شريف مونومل واڌومل سيان بمبئيءَ ۾ بيمار هو. لکندو هو ته پيهي اڄ پڪي ته جيئري مڪامپڻو ڪريون پر مون کي وهم ته ڪاٿي پيڻ جي در تي نه وڃي پراڻ تياڳيان. بيمار ته، عليل طبيعت منهنجي به هئي. وهندي وهندي ڇپاهه ائين سڪي ويندي ۽ سوُر اچي اُپرندو هو جو ڪو اُتاري ته اُتان. سو نه ويس. آخر تار آئي ته پيٽويو صاحب سرڳواس ٿي ويو. ڇا اسرار! زبان منهنجي ۽ زبان منهنجي پياري پيڻ جو. سندن جنم ڏن ١١ آڪٽوبر سنه ١٩١١ع ۽ فوت جي فتوئي ١٢ جون سنه ١٩٨٢ع

سنه ١٩٣٨ع مهنو آڪٽوبر تاريخ ٣٠ سندن شادي ٿي هئي. منهنجي پيڻ گلان سهڳڻ. حاصل ڪيو هو. ڏيوتا حاصل ڪيو هئائين. برنس روڊ ڪراچي - جهوني گرنانڪ دربار مٿان شهائيءَ جي جاين ۾ رهندا هئاسين. ڪنهڙي ۾ بيٺا هئاسين - مان

ساڙي ڇڏڪي جو گهٽو وڌو ڪاٿي. وڏو آزار آهي.
ٻيو مٿان سڪ ائين نه گم ٿي وڃن يعني ڏيوالو نه ڪڍي
وهان ۽ ڏهن مان ڪاٿا هڪ مونڙ پاڇي ٻچيل هجي،
سا به ڇٽڪ اوڏر لي سواري پيٽ ڪي پٽي ٻڌي ٻاهريون
شان شوقت رکڻ جي ڪارڻ. تنهن ڪان وٽ ته ڏکن
واري زندگي سٺي. رات پنيان سويرو اهو يٽين
رکي شکر ڪري ڪري پئي ڪانجي. پر هجي
کهڙي به هجي آخر زندگي بار پريل پري آهي ئي
آهي. هڪ پڪ آهي. ڇپائين نه اها پڪ ڪئن
پري؟ چپائين نه موت مبارڪ جي هٿان. موت
انهي۽ حساب راحت بخش سوڪڙي آهي. جا ملي نه
موت پر تڪ پڳو.

هجي. پر منهنجي ڏڙن ڏکي وئي. هي۽
١٩٨٢ع جا واقعه آهن. جوان ڪونه هوس. ستر ڪي
اُچي تڪ هنيو هوم جڏڻ جو موه به ڪونه هوم.
پر برهم اولاد ٻانيڻ جا سوڪڙي ويڏي ڙهي منهنجي
سپرد ڪئي سا مون امانت پئي سمجهي آهي. سهاڳ
تلڪ نه ميٽجي وڃي. تنهنڪري سهاڳڻ پاڳڻ جي
مند ملهائيندي ميلو مٿو چڏي سا منهنجي تمنا هميشه
رهي آهي. سائين۽ جي در تي اهائي دعا دائما
پنندو آهيان. يقين ڪريو ته مون رحمت الله ڪان

ٻہ پٽ هڪ ڌيءِ ۽ پيڻ رهندا هئا. هڪ پيڻ جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻنهي پٽن ڀڳوان ۽ پرڪاش جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائون. ٻئي آسودا آهن. پرڪاش ناسڪ ۾ آهي جنهنکي ڪمپنيءَ طرفان بنگلو ۽ موٽر ڪار مليل آهي. ڌيءَ بينا موهنداس شامداس آجباڻيءَ سان شادي ڪيل آهي. اُها ٻہ آسودي آهي. ٻنهنجو فليٽ ۽ موٽر ڪار اٿن. جهُونا ۾ رهندا آهن. سندن پيڻ وسيءَ شادي ڪانہ ڪئي سا ساڻن رهندي هئي. وڏو ڀاءُ گهنشيام داس هون جو ٻنهنجي پريوار سميت چيمبُور ٻنهنجي جاءِ ۾ رهندو هو. ڪانئن ڇهہ مهنا اڳ گذاري ويو هو. شادي شده پيڻ ليڇميءَ کي ٻہ دهليءَ جهڙي شهر ۾ ٻنهنجو بنگلو آهي.

اَڏو ڇڏڻ ۽ وري اَڏو اَڏڻ هن يار جي زندگي جو راز هو. وقت هو جڏهن سندن پٽ ڀڳوان کي اوچتو اچي دل جي بيماري ٿي. تڏهن سائين جي در دعا ٻني هئائون تہ اها بيماري مونکي ڏي ۽ هن جوان کي زندگي بخشي ڏي. جوان نيڪ ٿي ويو. ڪجهہ وقت بعد سندن طبيعت بگڙجڻ لڳي. اوائلي اوائلي دل ٻنهنجي جڳهہ ڇڏي ڏيني هئي جنهن کي اينلارجمينٽ آف هارٽ جو مرض چوندا آهن. پوءِ پڇاڙيءَ جو باقائدي دل جو مرض ٿي

گلي ۽ منهنجي ڀاڄائي جنهن اسان کي نپائي وڏو ڪيو هو. دادا مرليڌر منهنجو وڏو ڀاءُ هو ۽ هيءَ تنهنجي زال هئي. پلڪ ئي ڪانه گذري ته ڏسان ته گلي آهي ئي ڪانه. ڇيم ڪاڏي ويئي ته ڀاڀيءَ چيو ته ٻنيان بيٺي آهي. ڏسان ته پير اگهاڙا ۽ هٿ جوڙي بيٺي آهي. ڀاڀيءَ چيو ته ساڌون ڪير پيو اَچي. سندس منگيتو موتومل آيو پئي. سفيد سنڌي وڳو. ڪاڏي پائيندو هو. سندن گهر اسان جي ٻنيان برنس روڊ تي هوندو هو. گهر پئي ويو. هيءَ منهنجي ڀيڻ جي شرڌا هوندي هئي. اَج اهو ديوتا اٿي ويو. سهاڳ جو تلڪ ميساريو ويو.

هڪ ڏينهن سڀ ڪي هلڻو آهي. هيءَ حاڪم ته هليو ويو پر ٻنيان پريو پر ٻُور ٻيڙو ٻڏي ويو. سنڌ ۾ سيوهڻ شريف ۾ رهندا هئا. سيوهڻ جي ڀرسان خداباد شهر هوندو هو جو ڪلهوڙن حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ هو. قضا ڪارڻ اُتان لڏ پلاڻ ٿي ته هنن اَچي سيوهڻ وسايو. پي سنڌن برادري گهڻي ڀاڱي حيدرآباد گهر اُڏي وڃي رهيا جت خدابادي عامل پنچات برپا ڪيائون. ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ ۳ ۾ شانتي نگر ۾ اچي رهيا هئا. پوءِ سيان بمبئي وڃي رهيا جت سنتام پاڊ لگ ۾ هڪ پنهنجو فليٽ ورتائون. انهيءَ ڪمپائونڊ اندر

چا نہ چاهہ هو. ڀڳوان پنهنجي ڀاءُ پرڪاش کي ناسڪ فون ڪئي تہ تون زال سوڌو اچ جو گوريءَ جو آپريشن ڪرائي ٻار ڄڻائڻو آهي. تڙت پرڪاش موٽ ۾ چيس تہ مان تہ اڳيئي تيار ويٺو آهيان جو رات سپني ۾ درشن ٿيو هو تہ مان ٣٠ تاريخ جنم وٺي رهيو آهيان. شڪر الله ميان جو ڇوڪر ٻير لڌا. آپريشن ڪونہ ٿيو. رواجي دستور موجب ڀٽ اچي پڌر وسايو. اهي ئي يارهان آدمي چلهہ تيءَ انهيءَ ورڇ جڻن سندس جڻري هئا، يعني مولت ۽ مذڪر انداز ساڳيو.

ايشوري ڀڄن ڀاڱ جا ڪي ليم ٿيم آهن. تڏهن چرچي جي ڀاڱ مون کي شاهہ عبداللطيف جي سر رامڪليءَ مان آيت چئي ٻڌائيندا هئا تہ:-

نات جنهين ننڊ نت نہ نهاريو جوڳئين
ڪي ڪويساهيا ڪاپڙي پريا پراهين پنڌ
هوُ هنهين هنڌ، ٿي هنهئين ويا هنگلاج ڏي.

تڏهن مان چوندو هوسان تہ شاهہ صاحب ساڳي سر رامڪليءَ ۾ راز ٻڌائيندي هيءَ آيت بہ چئي آهي تہ:-

سات جنهين ننڊ، نت پر نهاريو جوڳئين
سي سويساهيا ڪا ٻڙي، پريا پرانهين پنڌ
هوُ هئو هن هنڌ، هن هنگلا جان هٿ ڪيو.

پيڻ ۽ گذاري ويا.

پڇاڙيءَ جي سال ۾ سندن ننهن گوريءَ ڀڳوان جي زال گرڀوتي هئي. ٻه نياڻيون هئس. پٽ جي تمنا هئن. اڃا ٻه مهينا ڪن چڙهي ٿيا هئس ته خواب ڏٺائين ته سندس سهرو ڪيس ڇڏي رهيو آهي ته توکي پٽ ڄمندو ۽ اُهو مان هوندس. جڏهن بيمار پيا ۽ اسپتال ڪڍائي ٿي ويس ته موٽر ۾ گوريءَ کي سڏ ڪري چيائون ته مان اسپتال مان جيئرو ڪونه موٽندس پر تنهنجي پيٽ مان ضرور ڄمندس.

واقعي ڪي شرف آهي. برابر اسپتال ۾ ٿي قضيو ٿيو. سال ١٢ جون ١٩٨٢ع. ساڳي سال ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٢ ۾ گوريءَ کي پٽ ڄائو. اِها سندن شاديءَ جي تاريخ به هئي. پيرط لکيو هو ته هٿ به پير ڏاڏو ونئو آهي. تنهنجي جيئري قسمت بدلائي پهرين ماڙ تي قسمت ورتو هٿائين. پر اڃا لهي وينا ڪونه هئا ته پرلوڪ پڌاريا. ڀڳوان کي پٽ هن مٿا سٿا واري جاءِ ۾ ڄائو. پيرط لکيو هو ته پاءُ مالڪ ڪونهي. تڏهن دل ۾ ڇيم ته جاءِ جي مٿا سٿا سان هيءَ بدل سدل پار به آهي. ته ڇڻ ڪٺي ته ناڪر به آهي ته منڊر به آهي. رُوپ پيا بدلجن تنهن سان گڏ رشتا به. هيءَ زندگي آهي. راز به ۽ پڌري پٽ بيان به آهي.

ڪلياڻ وچي رهندا هئا. سندن پٽ اهو نيم قائم رکندا ٿا اچن. سائين جن جي سپتر پريتم جي گهر اها مبارڪ ورسي لڳندي آهي ۽ ڀڳوان سيان مان ۽ پرڪاش ناسڪ مان اهڙن موقعن تي وچي حاضري ڀاريندا آهن. سرڳواسيءَ ڪي ساءِ جن جي هيءَ ٽڪ نت نيم زبان تي هوندي هئي ته:-

جي وڏو آهين ته پيار ڪر
جي ننڍو آهين ته نياز ڪر.

گهر ۾ پتيءَ تي اُڪريل اِهو بيت پت سينگاريو ويٺو آهي ۽ ٽاڪرن سان گڏ سائين جن جي صورت چينيءَ جي پليٽ تي اُڪريل رکي آهي ۽ نت نيم اُگربتي پڻ ٻرندي آهي.

— نارايڻ قلندري

هيءَ شاهه جا ٽوپا آهن. ويساهه جو سوال آهي.
جن پٿر ۾ ويساهه رکيو تن پٿر مان پاتو. ڇڏ ڀنس تہ
هو اُتي ئي رڌو رهي. تون پنهنجو ڇاهو لپاءِ ۽
پنهنجي رمز ساڳي رڌي ڪاءِ. پيٽ ڀُٽي ڀري اُڇي
سون وت آرامي ٿيندا.

ڪاپار ڪئمپ ۾ سائين روچلداس سرگواسيءَ جي ڪتيا ٻہ هوندي هُئي. منهنجي پيٽيوني جو گهر بلڪل سندن سامهون هوندو هو. وچ ۾ رڳو گهٽي هوندي هُئي. منهنجو وڏو ڀاءُ دادا مرليڌر پيڻ وت رهندا هئا. ڪين سنڌ نئشنل بئنڪ ۾ پهرين اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ مئنيجر جو پد حاصل هو. گهر اجمير ۾ هئو سين جت منهنجي نوڪري هُئي. دادا جن جو ڪراچيءَ ۾ نت نيم هوندو هو تہ گرنانڪ دربار جنهن مان ڦٽي گرسنگت دربار بہ بڻي، اُسر جو آسادي وار ۽ سنڇها جو شبد ڪيرتن ڪندا هئا. اُنهن سائين روچلداس جي درگاهه تي ڏمال هڻڻ شروع ڪئي. جڏهن جڏهن اجمير ايندا هئا تہ انهيءَ نيم جي بجاوري منهنجو پيٽوپو صاحب ڪندو هو. اِئين نيمي ٿي ويا. هيءَ وقت جي ٻاهاري آهي. دادا جي پرلوڪ پڌارڻ تي هيءَ نيم سندن زندگيءَ جو اَڻ ٽُٽ انگ ٿي پيو ۽ جيستائين سندن طبيعت نيڪ هُئي تيستائين سائين جن جي ورسيءَ تي

آهي تنهنجي ڳاج تي ڏونڪي لڳڻ تي اُتندڙ آواز يعني ڏمال هڻڻ تہ ڏهن 'مرڳن' پنهنجي جوء يعني غفا چئي هيءَ ٿيو اُرٿ. هاڻ غفا يعني جوء تي هيءَ اِنسان جو جسم ۽ مرڳ ٿيا پنج وڪار ۽ ڳاج سارڊول جي ٿيو ڪو گُر منتر-

وڏيڪ کوج ڪندي معلوم ٿيو تہ سامي هن اِنساني جسم کي "نَوُ محل" جو شرف ڏنو آهي، يعني اِنسان مجسم اِلاهي نُور آهي. خيال آيو تہ محل کي منار ڏيئي وڏيڪ شوڀنيڪ بنائجي. تہ ڀلا گهڻا منار هجن؟ چيائين چار. ٽي يا پنج ڇو نہ؟ تڏهن دل چيو تہ حوالو سامي جا سلوڪ آهي ۽ پاڻ ويد وادي آهي جي ويد چار آهن. تہ هيءَ چار منار محل ٿيو. پر انهيءَ جو بوجھ ڪير ٿو سهي؟ ٿنڀو گهرجي. تڏهن سامي جي سلوڪن جي وڏيڪ کوج ڪئي ويئي تہ بطور اِشاري ڪجھ اِنهيءَ باري ۾ چيو اٿائين؟ تڏهن سندس هڪ سلوڪ نظر چڙهيو جنهن ۾ "من ٿنڀو" شبد ڪم ۾ آندا اٿائين. چوي ٿو:-

سامي نڳ لڌو جنهن نڳيو آهي جهان کي
محڪم من ٿنڀي سان پريم جي دام ٻڌو
ڇڏي ول ڇل پنهنجو ٿيڙو نڳ تڏو
سهجي ساڳر ڏو سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

ٻه اکر

پڙهندڙ کي وڻتي آهي ته ”سارڊُول“ پڙهندي اِئين نه چوي ته سامي ڪٿي؟ سامي آهي اُنهيءَ لباس جيڪو ليکڪ اُنکي پهرايو آهي. مطلب ”سامي هڪ نظريو“ سو ٿيو سارڊُول. يعني ساميءَ جا سلوڪ واڊُو ارٿ تنهن کان سوايو ليکڪ جي ڪلپنا جنهن ۾ هن حوالي ٽيڪا جو ميل ٻه مليل آهي. ڪوي آهن تنهجي لکڻي نثر نه آهي پر تار مثل آهي. ٽيڪا ۽ ڪلپنا ۾ فرق آهي. ٽيڪا گهٽي ٻاگي ٻنڌن ۾ رهي ٿي پر ڪلپنا هڪ اُڏام آهي سا جنهن مجازيءَ کهاڻيءَ تي روحاني رنگ چاڙهجي تنهن مهاپرش جي ڪٿن تي هڪ چادر ڍڪي ٿي وڃي جا جڻڪ منڊيءَ تي هيري جي ٽڪ جو ڪم ڏئي ٿي. سونهن ۾ سرس سونهن جنهن صورت ڪاي ٻيهي -

ٻه مثال سامي چوي ٿو:-

ٻڏي گاج سارڊُول جي مرڳن جوءِ تجي

هاڻ سارڊُول جي گاج، مرڳن - جوءِ تجڻ. هي سڀ چا آهي. سارڊُول وڏو دهل چئو ڪٽي ته لغارو

ساڳيو ئي آهي - أحوال رمز پنهنجي آهي.

سامي 'س' 'الف' 'سا' سو الف لام لکڻ وڏي ترشُول جو روپ ڌارڻ ڪري شر شيطان شير جي پيٺ مان پار ٿي قلم جي صورت وٺي لکڻ لڳو 'سار دُول' جو هن ڪتاب جو نام ڪرڻ آهي ۽ ساميءَ جي سلوڪن جو سار وچن.

درويشن جي ويچار ڌارا جو ورنن ۽ ويچار ڪيو آهي. أنهن جا وچن أنهن جي زندگي آهي. باقي پڙهڻ ڪڙهڻ ۽ پوءِ گرهست آشرم يا برهم آشرم سا دنيا جي ڪرت آهي ڪنهنجي تيز ڪنهنجي ماٺي، پر جٽي ڪنهن شخص سار وچن بوليا آهن تہ ليڪ أنهن بولن سان بدل آهي ۽ پنهنجي ڪاپنا جي قلم جي نوڪ "عشق جو نقطو" يا "نانا جو نقطو" مضمون لکي ٿو:-

أهڙيءَ من مراد هن ڪان اڳ، "آتم درشن - گياني سائين ٽيرٿداس" جي ڪتا ڇپائي وئي آهي ۽ "شاه جي پنج گرنٿي" تيار ٿي رکي آهي.

نظمي فن جو اظهار "سار دُول" ۾ ڪيل آهي تہ ڪٿي سامي صلابت جو صاحب آهي ۽ ڪٿي مشق، ڪٿي تشبيه، تجنيس حرفي ۽ هجوَگوُ گڻن جي ڏاڪ جمائي پنهنجي حق ۾ هڪ اعليٰ درجي جو

هاڻ مَن ٿيو ٿنيو. نه صورت جا حاصل ٿي، يڪ ٿنهي چار منار - هاڻ ساميءَ انهن ڪوله چيو آهي پر ليکڪ کي ساميءَ جي گيان ورتي سمجهائڻ لاءِ اهي هتان هتان ٽڪرا ڪٺا ڪري پنهنجو مضمون ٺاهڻو آهي ته توهان سامي نه ڳولهيو پر مون کي ڳولهيو.

مَن چنچل ٿيندو آهي. پوءِ ٿنيو چنچل يعني لڏندڙ نه پوءِ محل اسٿر ڪٿن؟ ٽڏهن وري ڪوچ ڪرڻي پيئي ته ساميءَ جا شبد "من امن" لظر آيا جن اِها معني ڇنائي ٿي جيڪا سامي "محڪم مَن ٿنهي" سمجهائڻ چاهي ٿو. هاڻ تصوير مڪمل ٿي.

مَن امن ڪٿن ٿئي؟ چيائين سارڌول وڃاءِ ته وڪار پڄن ته من اَمن معني من من نه رهي مطلب ته من پنهنجي چنچلتا وارو سڀاءُ ڇڏي ڏيهي - هاڻ "من اَمن" ٿيو ساميءَ جي سکيا ۽ سارڌول ٿيو ساڌن - جتي سامي "سارڌول" چوي ٿو اُت شاه صاحب "روح رباب" چوي ٿو:-

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاڻان هو حجاب
واجت وڄي وجود ۾ رهيو روح رباب
ساهڙ ريءَ صواب آئون گهڻوئي گهوريان

۽ "گهڙو ڀڳو" شاه جو سو ٿيو "من امن" مطلب ته شاه تصرف صوفي سو ٿيو سامي آتم گياني - حال

"خود ياوري"- آدبي ستارا سنڌي ساهتيه سڀا اجمير جي پيش ۾ 1973

"سنڌيت"- سنڌي سرڪل، آدرش تعليمي سنسٿائون طرفان ساليانو سوکڙي 1977

"وقت بادشاه" سنڌي ايمپلائيز ائسوسيئيشن، اڌيپور جو سووينئر 1980-81

"شاهه صوفيءَ جو وارث سچل سرمست"- "رهاڻ" راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور 1980-81

جئپور ريڊيو تان وڪاس تيل مضمون آهن :-

"سنڌوءَ ڪناري آزادي جا هوڪا" 1972

"سنڌو جا انقلابي شاعر" 1973

"شاهه عبداللطيف" انگريزيءَ ۾ 1976

"سنڌي ڀاڪا ۽ چوڻيون" 1979

"شاهه جو وارث سچل" 1980

'هندو يومي' اجمير ۾ آيل مضمون آهن :-

"خوديءَ کير خوار"- "اوڇي جو ادب"- "شاعر بيوس جي واٽي"- "وسريل ورق ٽولارام ميڻگهراج ٻالاٽي عاجز"- جڳياسو چوئٿرام گدواڻي"- "هيمون ڪالاڻي" "قومي وير پروانا سنڌ ماتا جا" (سائو هيراننڊ ۽ ٻيا)- "بنگلا ديش- هڪ حق جي ورندي."

لڪشميداس جي دعوي لڳائي تہ، پر انهن پر ۾
"آتم چتر ڪار - سامي" ڪتاب لکي تيار ڪيو
ويو آهي.

ٻيا جي ڪتاب ڇپجڻ جي لاءِ لائق ميسر آهن
سي آهن:-

۱- تنقيد جي مد نظر "ٻيوس - هڪ سرسري نظر"
۽ پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جي "شاهہ جي سورمين" جي
جواب ۾ "شاهہ جا سورما"

قصا، ناٽڪ ۽ ناٽڪي ڪهاڻيون بہ ادبي انبوه
جا انگ آهن - وقت انهن کي بہ ڏينهن بخشيندو
"پريتوان" ۽ "بابا" هيءُ ٻہ قصا آهن. "پتي ورت"
۽ "منڊيءَ ماڳ، لڏو" هي ٻہ ناٽڪ آهن. "ٻولي
تي ٻاڏائي" هڪ ننڍڙو ناٽڪ آهي "اڏوري آرتي"
ناٽڪي ڪهاڻي آهي ۽ "بانس جي ٻنسري" مڪتبي
ادبي گفتگو آهي.

ريڊيو تان آيل، رسالن ۾ درج ڪيل ۽ هفتيوار
اخبارن ۾ شايع ڪيل ڪي مضمون آهن. خيال آهي
تہ سي ڪٺا ڪري هڪ "مضموني مجموع" ڇپائي
ظاهر ڪجي - مکيہ مضمون آهن.

"سکي جيون" - اجمير جا اديب سنڌي ساهتيہ
1971 سنگت اجمير جي انوکي ڀيٽ ۾ -

3– Sindhi Folk Tales And The Philosophy Of Man.

4– Sindhi Folk Tales Versified.

5– God Is Law– The Force Behid Gandhian Cult Of Truth And Non-violence– 7 Discourses. I- Life And Death. II- Reincarnation. II- God Is. IV-Prayer And Idol-worship. V- Prayer And Divine Munificence. VI- The Magic Wand of Truth And Nonviolence VII- The Realization.

6– Essays appearing in magazines as

A– "The Author" The Authors Guild of India Publication.

Essays– I- Shah Abdul Latif, The Philosopher Folk Poet Of Sindh.

II- Author And The Freedom Of Expression (Prize Essay)

B– Sufi Commemoration Numbers

I- Inflated Lie– 1981

II- Kufir– The Untruth And Yet The Only Truth 1982 (Written For The World Of Religions, Cochin, India Held In 1981)

III- The Feast Of Benediction, Poem, 1982

C– Khawaja Garib Nawaj, 5th Annual Special Souvenir.

I- Lal Shah Baaz Qalandar.

D– Urs Special– Sufi International Publication.

I Sama And Samadhi.

اَٽڪيل - ”ڪٿي پتنگ، جو وري ورن“- ۽
نظمي نسخا جي عشق جي اوطاق جو ديدار ڪرائين
ٿا ”شاعراڻي ڪاٺ“-

اردو نظم، ”عشق ئي عشق“ مجموع

هي سڀ ذخيرو ٻڌي جو خزانو آهي. ڇپيو ته
واه واه نه ڇپيو ته خير صلاح. ٻار ڪي فائدو اهو ته
والد ڪائي جي وندر ڪئي سين ۽ دماغ جي واڌ
جنهن آڌار ٻئي جنم ۾ ٻختي پائي اَدبي ڪيتر ۾ وري
چڙهي ويندا سين. ڪئن؟ جئن ڪٿي پتنگ وري
وري آيو ماڳ، تي.

انگريزي ليکن ۽ مضمونن تي ٻه قلم هليل آهي
جي ٻه ڪتابي صورت ۾ تيار آهن ۽ ڪي ڪتابن ۾
شايع ڪيل آهن -

Secularism and Sindhi literature – Shah, The Metaphysician in five parts – Sufism in sind – Shah, his method and metaphysics – Sufi at the cross Roads – The Temptation–place of Woman in Religion– Concept of Sufi – The Restoration – Tasawwuf and Vedant – Faith and Reverance – Divinity, That Is The Man – Concept of Divinity presided over by the Devine – paradise Lost and Regained – The Secret of Creation – Laboratory of man – Talaband Tehsil Convention – Azazil – The Scripture on yoga.

پيش لفظ .... !

اوير ۽ اولهه ۾ امتياز ڪجي ته معلوم ٿيندو ته جتي اولهه جي فيلسوفن، ڪلاڪارن ۽ ساهتيڪارن فطرت جي ظاهري سونهن ۽ ڪائنات جي ٻاهرين عناصرن جي وسيع تر وياکيا ۽ اپٽار ڪئي آهي، اتي اوڀر جي دارشنڪن، تتوگيانين، ڪوين ۽ ڪلاڪارن سرشٽيءَ جي سموري سونهن ۽ برهمانڊ جي وشالتا پنهنجي اندر ۾ پاتي آهي. اولهه ٻهرمکي آهي ۽ اوير انترمکي. اولهه جي نظر سونهن جي حدن تائين محدود آهي ۽ اوير جي درشٽي آهي ”سونهن جي سر“ تائين، جيڪو اسيم، اپار ۽ اکٽ آهي. جنهن ”سچ“ جي تلاش اولهه، صدين کان ڪندو رهيو آهي ۽ هاڻي ڏيري ڏيري تصديق پڻ ڪري رهيو آهي. اُن ”انادي سچ“ کي پنهنجي اپياس، انڀوَ ۽ عمل ذريعي اوير جي ترڪال درشي تتوگيانين، رشين منين، سهسين سال اڳ، ئي ظاهر ڪري ڇڏيو. شنڪر آچاريه ويدانت جي ”ادويت واد“ درشن جي جيڪا وياکيا ڪئي، اُنکي رينٽ جي اجا ته ڪنهن کي جريت ڪانه ٿي آهي. چاڪاڻ ته

E– Spiritual Victory Of Imam Hussain, By Janab W.D. Begg, Author of The Big Five, The Biography of Khawaja Gerib Nawaj, And Journalist

I– The Elegy On Karbala.

7– Engagements–

I– First President of Sindhi Sahitya Sabha, Ajmer

II– General Secretary And Founder of Sufi International, Ajmer.

III– Founder Member of Inter– Faith Fraternal Association, Ajmer

IV– Member Authors Guild of India, New Delhi.

V– Invitee To Christian – Muslim Dialogue On Sufism Under The Auspices of C.B.C.I. Varanasi, Diologue Commission U.P. Held in Ajmer October 1981

VI– Invitee To World Confernce of Religions And Man, Cochin, Novamber 1981

VII– Member On the Adhoc Committee, Department of Sufism, Government College Ajmer.

پانڪ مهربان ”ساردوُل“ پڙهي پنهنجي آزاد رايي کان واقف ڪرڻ جي عنايت ڪندا.

صحيح نامي جي حساب ڪتاب درست ڪري پڙهندا ته وڏي لاڀدائڪ ٿيندو.

– نارائڻ ميراڻي
”قلندري“

16/194- Ahata Mohalla,
Opp. Shri Talkies,
AJMER-805001

متن کي اظهار لاءِ سريلي ٻولي ۾ موزون ۽ معقول هئي ڇاڪاڻ تہ اهائي سنسڪرت جي ويجهي هئي.

ساميءَ جي نسبت ۾ شاهہ ۽ سچل تي عالمن، آلوچڪن، وياڪياڪارن ۽ معتقدن گھڻو ڪجھ لکيو آهي. ساميءَ کي عوام اڳيان آڻيندڙ پهريون عالم اديب هو ديوان ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي، جنهن ساميءَ جي شخصيت حياتيءَ ۽ سلوڪن جي وسنار سان کوج ۽ اپٽار ڪئي. اُن بعد رشي ڏيارام گدومل، ڄيٺمل پرسرام، کلياڻ آڏواڻي. محمد صديق ميمڻ، واڌومل مولچند، اُنہ وغيره عالم اديبن پڻ ساميءَ جي نرالن پهلوئن کي اُجاگر ڪيو.

”سارڊول“ پڻ اُن سلسلي جي ڪڙي آهي. سارڊول ۾ ساميءَ جي سلوڪن تي ڪجھ نين ڪنڊن کان روشني وڌي وئي آهي. مثلن ساميءَ جي ”سهاڳڻ“ ۾ شاهہ جي ”نوريءَ“ جو درشن. ليڪ شاهہ جي ٻين سورمين جي احساس جو عڪس پڻ ساميءَ جي سلوڪن ۾ پاتو آهي جنهن مان پاسي تہ ساميءَ تي پڻ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو گهاٽو اثر آهي، خاص طور عمر ماروئي ۽ سورٺ راءِ ڏياچ جو. جا مستند حقيقت ”نانا جو نقطو“ ۽ ”عشق جو نقطو“ وارن ٻابن ۾ ليڪ واضح ڪئي آهي.

اُها انادي ۽ اننت آهي. ويدانت جي وشالتا ۾ دنيا جا مڙئي مکيه مَتا، درشن، ڌرم ۽ سوکيم لتو سمايل پيا آهن. ادويت واد جهڙو بيباڪ درشن سمجهڻ، قبولڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ جنمن جي جاڪوڙ، جگياسا، ابياس ۽ تپسيا کپي.

سنڌ جي شاستري ڪوين جي ٽمورتي ”شاهه-سچل-سامي“ ۾، سامي صاحب ئي پارٽي دارشنڪ لتون کي پنهنجن سلوڪن جو وشيه بڻايو. ويدانت جي ڳوڙهي درشن کي، گيتا جي پڳتي، ڪرم ۽ گيان يوگ جي سڌانتن کي ساميءَ جنهن سرلتا ۽ ڪشلتا سان سنڌيءَ ۾ اُپٽاريو آهي، سا هڪ طرف ڪيس ڪامل ڪوي ثابت ڪري ٿي ته ٻئي طرف ڳوڙهو لتو گياني پڻ. سنڌ کي پارٽي درشن جي جاڻ ڏيندڙ پهريون ڪوي سامي ئي هو، جنهن ويدانت درشن ۽ اُن جي وياکيا لاءِ ٺهڪندڙ شبد رچنا ۽ شيليءَ پڻ سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول رائج ڪئي. ان لحاظ کان هو شاهه ۽ سچل کان اعليٰ، انوکو بلڪ يگانو نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ جنم وٺڻ سبب ساميءَ، سنڌ جي سڀيتا، سنسڪرتيءَ، لوڪ ساهتيه، تصوف ۽ عربي فارسيءَ گاڏڙ ٻوليءَ جا اثر پڻ سهاويڪ طور جذب ڪيا، جيڪي سندس سلوڪن مان سج جيان روشن ڏين ٿا. سندس ٻوليءَ جو لب لهجو شڪارپوري آهي. ويدانت جي ڳوڙهن

متروڪ ۽ غير مروج ڪتب ٽو آٽي. سطحي ونڊر وارن کي هن گرنٿ مان حظ نہ ٻہ حاصل ٿئي، پر دارشنڪ رچي رکندڙ ساڌڪن لاءِ ساردؤل، روحاني فيض ۽ لطف ڏيندڙ رچنا ثابت ٿيندي. هن پستڪ ۾ ساهتيہ ڪان وڌيڪ درشن پريل آهي. وشيہ ڏانهن ليکڪ جي ايمانداري تحسين جوڳي آهي. ڇنڇي ڪٽي تہ ساردؤل سندس ڄاڪوڙ، جگياسا ۽ اونهي اڀياس جو آئينو آهي. وشواس اٿم تہ ليکڪ جي قلم مان اڃا ٻہ وڌيڪ ساهتڪ ۽ دارشنڪ موتي اسان کي اڳتي ٻہ پڙهندا رهندا.

ـ دولت راهي

عزازيل کي شيطان تصور ڪيو ويندو آهي مگر ليکڪ
"نانا جو نقطو" مضمون ۾ عزازيل کي عاشق ثابت
ڪري، ساميءَ جي سلوڪن جي سند عطا ڪئي آهي،
جنهن مان سندس ڳوڙهي ڄاڻا جي پروڙ پوي ٿي.
"تصديق" مضمون ۾ ساميءَ ۽ قلندر شهباز جي
نسبتي تجزيي ذريعي ليکڪ هڪ طرف اهو ٻڌايو
آهي ته قلندر شهباز فقط درويش يا ولي نه هو،
جئن عام طور سمجهيو ويندو آهي، پر هو اعلى درجي
جو صوفي شاعر پڻ هو، جنهن جو اثر ساميءَ تي پڻ
پيو، جو سندس سلوڪن مان ظاهر آهي. اهو پڻ هڪ
نئون پهلو آهي جو ليکڪ ظاهر ڪيو آهي. ساميءَ ۽
سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن جو نسبتي جائزو پڻ
سندس ڳوڙهي ابياس ۽ دارشنڪ رجحان کي ظاهر
ڪري ٿو. ڪجهه سلوڪن جي وياکيا مان ليکڪ
جي جگياسا ۽ باريڪ بينيءَ پئي بکي. مون کي
شخصي طور ڄاڻ آهي ته ليکڪ تصوف ۽ ويدانت
کي فقط خيال ۽ فڪر تائين محدود نه رکي، پنهنجي
جيون ۾ پڻ عملي طور اپنايو آهي. هو سچي صوفيءَ
وانگر انسان دوست، نيڪ دل ۽ خداترس شخص
آهي. دراز عمر ۽ عليل طبيعت هوندي به ابياس ۾
مبتلا هوندو آهي. البت سندس ٻولي ۽ شيلي عام
فهم نه آهن. سنڌيءَ جون ترڪيبون پڻ دقيق،

فهرست

ساميءَ سمرٿ

هر درويش ذات پات جي ڀيد ڀنا، اوچ نيچ جي ڀاو ڀنا دوست جو ديدار آهي ۽ روحاني رمز هن نقطي جو شائق آهي ته :-

ميم ٻـــن احمد پڙهه تون حق جو حقدار آن
نفس ماري مات ڪر تون احد جو اوتار آن

سمو به انهيءَ ڪلام کي سلام ورائي ٿو. ڪنهن به ٻي ٻولي نه ٻولي آهي. هيڏي مٺڙي ٻول ۽ تول سترهين صديءَ روحاني رازن سنڌي شاعريءَ کي مالا مال ڪري ڇڏيو هو. شاهه عبداللطيف جو جنم هن صديءَ جو هو، يعني سنه ١٦٨٩ع، ۽ وفات سنه ١٧٥١ع جي آهي. پر واحد ۾ واصل هئڻ کان اڳ ۾ سچل سرمست کي پنهنجو وارث تسليم ڪيو هئائين. درويش جي دور زباني هئي. پر شاهه کي ڪل ڪانه هئي ته اهڙو به ڪو درويش پڪي پات پڙهيل پيدا ٿيو آهي جو روحاني راز ڀريل رمزن ۾ واڪ آڻيندو.

شهر شڪارپور ۾ سيٺ ٻچومل لُنڊ جي گهر هڪ

شمع ٻري شعاع ٿيو- پروانې جو جاهه وڌيو
چاهت جي لـڙڪ وڌي جڻ جڻ واءَ وڌيو



اٽڪ ڇاڇ

چـاهه جي چراغ ليڪ ويٺي قلم وڌيو
تنهن سنهڙيءَ قط ڪوئي ڪلپت ڪانو ڪڍيو

سورهين صديءَ جو شاعري ستارو سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو هو. ۽ ان کان پوءِ شاهه عنايت جهوڪ شريف واري منصوري جي ڀيري پنهنجي فقيري رهڻ سهڻ ۽ صوفياني ڪلام جي ڪري عقيده کي قرار ڏنو. عنايت جي قطار سرمد شهيد به شمار آهي. پر هو، وارو وڃي دهليءَ وجايو. هو اصل سنڌ کان به ٻاهر جو هو پر چاڪاڻ ته روحاني رنگ ان تي نگر ۾ چڙهيو هوس ان ڪري سنڌي روحاني ورثي ۽ ورثي ۾ هن درويش جو نالو هميشه وڏي عزت ۽ صدق وچان ڳائبو آهي.

سائين چئنراءِ پنهنجو شاعرانو تخلص ”سامي“ پنهنجي گروءَ سوامي مينگهراج جي ياد ۽ عبادت جي پيار وچان اپنايو هو. پاڻ تخلص به ڪم ۾ آندو انس. سامي هئا پر سنياسي ڪونه هئا. بلڪل گرهستي هئا. چون ٿا ته ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ به ٻار ڄائو هون. گرهست آشرم ۾ اينري وندر ڪندي ڪندي به هوڙا گيان گپت پريل سلوڪ ڪير لکي؟ چپائين جو سيرت جو سلطان هجي. سو تاج سامي چئنراءِ ٻچومل لنڊ جي حق حلال ۾ آهي.

پورن گروءَ به ڪنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ملي. ڳولهيندي ڪونه ليڀندو آهي. ڪنهن سو نهاري موقعي ملاقات

ڇوڪر ڇمڪاريءَ جنم ورتو هو. سو سنه ١٧٤٣
هو. جنهن جو نالو چينراءِ ۽ شاعراڻي شان تخلص سامي
هوس. سچل جو جنم سنه ١٧٣٩ع جو آهي ٻن جي
جوڙي واه جو يادگار آهي شاهه سگوري جو! عرصي
جي خيال کان ته ٽن جي موريءَ ۾ انگ ٻيا ب
جوڙ با ته پنج گروه جا گنج تي پوندا ۽ سي ه
دلپت صوفي سنه ١٧٦٩ع ۾ روحل رند فقير سنه
١٧٣٠ع. ساميءَ پرلوڪ پڌاريو سنه ١٨٥٠ع جي شما
آهي. هيءُ عرصو سنه ١٦٨٩ع کان شروع ٿيو. ب
شاهه کي ڇڏي باقي چار يار زنده هئا جو بيدل فقير
جي جنم سنه ١٨١٤ع جي حساب ورائي پنج گنج
ٿيا. تنهن سڄو سارو عرصو ٻن صدين جو سنه ١٨٧٢ع
۾ پورو ٿيو جڏهن بيدل به ڇولو ڇڏي وحدت
منجهه وارد ٿيو. ائين ته سنڌي شاعرانو عرصو سيوهڻ
شريف باشنده قاضي سان شروع ٿئي ٿو جـ
پنڌرهين صدي آهي. پر در اصل تنهن کان ٻـ
صديون اڳ حضرت عثمان مروندي شهباز قلندر
سنڌ ۾ روحاني طوفان کڙو ڪيو هو. ٻاهر جو درويش
هو جو ٻارهين صديءَ ۾ مروند کان آيو ۽ سنڌ ۾
شهر سيوهڻ شريف کي شرف ڏنائين. پنهنجي پاڪ
زندگيءَ جي ڇاپ سنڌ تي هڻي وصلي وصال وحدت
وريو سو سنه ١٢٧٤ع آهي.

سائين چندراءِ کي رنگ اُتان لڳو. پر ستسنگ مان ٻه رنگ سڀ ڪنهن کي ڪونه لڳندو آهي. ڪن ڪن کي اوچتو ئي اوچتو اچي دل وچ اُمنگ جاڳندو آهي، ۽ ستسنگ مان ٻه اُٿندئي رلي ڪلهي تي ۽ ماني ٻنڇن تي. الله واهي. جهنگ منهن ڪري هليا ويندا آهن. حالتون ٻئي هيون پر شاه کي رنگ ائين چڙهيو هو جو پوءِ جوڳين جي سنگ روحاني رنگ رچي، اچي گرهست آشرم سنڀاليو. پر جو رنگ چڙهيو هوس سو گهاٽو ٿيندو ويس. خود قاضي تي به ائين رحمت جي بوند برسي ٿي ڏسجي جڏهن چيائين :-

جوڳيءَ جاڳايوس ستو هوس ننڊ ۾
ٿهان پوءِ ٿيوس سندي پريان پيچري.

تڏهن هيءَ سلوڪ ساميءَ جو به چئو نه چئجي ته سندس روح جي جاڳرتا جو احوال آهي ته :-

پنت کي پاون، سامي ڪيو ستگروءَ
پرچي ڏنائين پنهنجو نرمل درشن
ٿيڙو من اُمن، اوديا ڪلپت نه رهي.

پر ڪي به هجي، اسانجو مطلب سندن گيان وارتا سان ۽ نه ڪ سندن گروءَ سان. اڄوڪي زماني ۾ به لکڻ پڙهڻ جون سهوليتون ميسر آهن ته به ساپرسن

ٿي ويندي آهي. سامي تنهن واقعي کي پورن پنج
جو قل سمجهي شرف ڏنو آهي. روحاني ڪڙڪي
دل جي سنڌن حالت ۾ به ائين ڪلي هئي. شريمان
پرمانند آڏواڻي لکنئو ۾ وارو پنهنجي پستڪ
”روحانيت جو رهبر“ سنه ١٩٧٩ع ۾ لکيو-

”هڪ رات ڀائي چئنراءِ خواب ۾ هڪ مهاپرش
ڏنو جنهن کيس چيو، ستل لال اٿي جاڳ! اُٿي ڀاڳ
سڄاڳ. صبوح جي ترق شروع ٿي ويئي. دڪان تي
نه وڃي ويٺو پر من نه پيو لڳيس. نکو ڪر درويش
ئي نظر چڙهيس.

چٽنگ پيئي چولي، عجائب عشق جي
ڏه دس پيئس دوس کي، فڪر سان ڦولهي.

هڪ ڏينهن اوچتو هڪ مهاپرش سندس سامهون
اچي بيٺو ۽ چٽڪ کيس چئي رهيو هو ته 'سچي
سائينءَ جي راه ۾ اچي رڱج.' اهو ست پرش سامي
مينگهراج هو جنهن کي ڀائي چئنراءِ گرو ڪيو. ڪي
اها ڳالهه نٿا مڃين. عام ۾ اها مڃتا آهي ته سائين
مينگهراج جي ستسنگ ۾ سامي چئنراءِ ويندو هو ۽
اُن سنگ جو رنگ کيس لڳو هو. سائين مينگهراج
اصل ٻهاولپور رياست جو هو جا سنڌ جي پڙوس هئي
۽ سائين شڪارپور ۾ به اچي ستسنگ ڪندا هئا.

جو نڪري ناپ منجهار ٿون سهي سڄاڻج ساھ ڪي
اُچي گهراڻ گهٽيءَ مون، واءُ ڪري وسٽار
دامودر تنهن دم ۾، آهي اوُنڪار
ايهو ويدن جو ويچار، ساميءَ سٽايو سنڌيءَ ۾.

اتهاس چوي ٿو تہ ويد سنڌوءَ ڪناري لکيا ويا هئا. تنهن ساميءَ جس ڪٽيو جو سنڌ جو ور ٿو، سنڌي مادري ڀاشا ۾ محفوظ رکي هڪ اَملهہ يادگار ڇڏي ويو ۽ پنهنجو نالو اَمر ڪري ويو. هي سامي پنهنجن سلوڪن جي علمي ڪٿ ڪري ٿو. شاھہ عبداللطيف بہ پنهنجي روحاني خيالات جي ڪٿ ڪيو آهي -

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

آيتون معنيٰ قرآن شريف ۾ آيل واڪ وحدت جا. تڏهن چئبو تہ شاهہ صاحب اسلامي ويچار ڌارا سنڌيءَ ۾ نظمي قلم بند ڪئي ۽ ساميءَ هند ڪي، جو اِئين چئبو آهي تہ ويد هندو ڌرم جو آڌار آهن. پر تنهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي! جڏهن ويد لکيا ويا هئا تڏهن نڪو هندو هو نڪو مسلمان ۽ نڪو عيسائي. سنڌ مان هند ٿي، جو ڀوُڳول جو هڪ کنڊ هو ۽ جنهن کنڊ جا رهواسي هندستاني سڏجڻ ۾ آيا ۽ ويد سنڌن جيون ڪلا جو دستاويز آهن. پر سو بہ

جي زندگيءَ جو خاطري جوڳو احوال هٿ ڪونه ٿو اچي. حال ويهين صديءَ ۾ ٿي سائين ٽيرٿداس گياني صوفي ٿي گذريو آهي. خود بئريسٽر هئا. ڪين رنگ ڪئن چڙهيو سو خاطر خواه احوال ڪونه ٿو ڏيئي سگهجي. سچل سائين جي درگاه جا طالبُ هئا. ڪئن آلي ويا، ڪنهن جي سنگ ۾ ۽ ڪنهن خاص واقعي ڪين روحاني درد جو تير لڳو، سو ڪو ٻڌائي نٿو سگهجي. حالانڪ انهين ضرور چون ٿا ته اهو روحاني پنڌ ڪچي، درگاه دراز تي انهيءَ مراد ڪونه ويا هئا. سائي ڳالهه سائين وويڪانند جي ڪندا آهن. جهڙڪ طالب ڪان وڏيڪ مطلوب ڪسي پنهنجي دڪانداريءَ جو پرچار ڪرڻ جي چنتا هئي. پر جڏهن رنگ چڙهي ٿو ۽ پوءِ جيڪا حالت طالب جي ٿئي ٿي، سو پاڻ برابر پاڻ آهي. سامي چوي ٿو:-

عاشق ڪن عرض، سدا سڪ سچيءَ جو
درشن درد وندن کي، ناراڻ ڏي انج
اوديا اوندهه نه رهي، ڏسي ساکي سنج
سڙي وڃي پنج، سامي چئي سنسار جو.

گيان وارتا جي مد نظر ساميءَ جو ساکي سنج هن سلوڪ مان لکي ٿو:-

سچاٽپ ڪرائيندي شبد ڪم ۾ آندا اُٿائين "ناپ" معنيٰ ڏن، 'گهتي' معنيٰ نرگهت جي نلي ۽ 'دم'، دامودر ۽ اوُنڪار، ٻار جو جنم، روحاني رمز اَزل جي ڏينهن جي ٿو ڪٿا ڪٿي جڏهن سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي. جڏ نہ چتر وينو چٽي. هيءَ منهنجي ڪلپنا آهي ۽ هيءُ سلوڪ پڙهندي جو چتر مونکي ڏيان ۾ اچي ٿو سو آهي برهما جي ڏن مان گل ٿڙڻ. هن ۾ ٻيو بہ چتر آهي جو آهي ڪرشڻ ڀڳوان جي مستي ۽ سندس ماءُ جسوتان جو ڪيس نوڙيءَ سان ٻڌڻ جنهن تان نالو پيس دامودر. هت دامودر معنيٰ انسان، ساهداري جنهن جي ڏڙ سرير ۾ ساه ٻڌل آهي جنهن کي دم چوي ٿو ۽ دم جي وصف ٻڌائيندي چوي ٿو تہ اِهو دم اوُنڪار آهي. مصرع آهي:-

دامودر تنهن دم ۾ آهي اوُنڪار

ڪٿي وڃي ٿو ڏڪ هڻي، دم تو اندر آهي. سو اوُنڪار آهي. معنيٰ اي بندا! دامودر تون اوُنڪار آهين! يعني آڪار بہ تہ نرنڪار بہ تون آهين، جو ڏسڻ ۾ اَچين ٿو. تون نہ آهين جو گم بہ ٿي وڃي ٿو. سڀ تون آهين. هيءَ ڀاڻ سچاٽڻ جي هدايت آهي تہ ڏسڻ جڙ ڏانءُ سکہ ۽ جنهن اهو پاٺ پڙهي ڇنڊايو سو وٺڪار ڪوله ويندو. سامي چوي ٿو هيءَ ويدن جو ويچار آهي.

وري اهڙي انداز جو جيون پل نہ دنيا جي ڏٺي جي ڪهڙيءَ ۾ ڪنڊ ڪري ۽ چئو نہ پيو گذرندو هجي پر ڪلا جو ست سار ويدن مان ئي معلوم ڪري سگهبو. شاهہ جو رسالو بہ اهڙو ئي دستاويز آهي. چوڻو:-

روزا ۽ نمازون اِيُ پڻ چڱو ڪم

نہ اهو فهم ٽڌهن ڪهڙو آهي جنهنجو واسطو نمازن ۽ روزن يعني شريعت سان نہ آهي. سو فهم جيون ڪلا آهي جنهن جو سنبنڌ ذات پات يا دين ڌرم سان ڪونهي. گيتا ويدن جو سار آهي شاهہ جو سر آسا، گيتا گيان آهي. تنهن کان سواءِ سر رامڪلي جوڳي جوڳ، ڪماءَ جو گيت هن دعوي جي پٺڀرائي ڪري ٿو. شاهہ اِسلامي جهنڊو ڪون ٿي ڦڙڪايو. سر يمن ڪلياڻ صوفي ڪلام آهي. جو صاف دل سو صوفي. ان سرن جي وچ اِهو احساس ٿئي ٿو تہ شاهہ صوفيءَ ۽ جوڳيءَ کي ان ڏنگين ليکن وچ هڪ ئي جو مت ست سمجهي روحاني راز ساڃي ٿو. روحاني راز جي ڪا تاريخ ڪانہ ٿيندي آهي. درويش معنيٰ درويش سو ڪنهن پنٿ جي بنيادي پٿر وجهندڙن جي شمار نہ آهي.

سامي چوي ٿو 'سهي سڃاڻج ساهہ کي.' ۽ تنهنجي

آد شڪت ڪون ڏيوتي، تن مان ٿيا پنج تت
تتن ڪون وستار ٿيو، سڀ ٻياري ناٽت
سنڀل ڪري سڀ ڪنهنجو، سامي ٻنا ممت
لُڙ ڪي هٽي لست، موٽي سمهيو سيج تي.

(٢) سرت ۽ نرت

پاڻ پرين ۽ ڪٿي ڏات، تڏهن عشق ڏنائون اياڇي.
ريڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نه رات.
متي ويٺي من مان، سامي ڇوي سڀ تات
عشق الاهي ذات، تي ذات سچاڻي ذات ڪي.

(٣) يڳي پرم گهڙي

تڪي پيٺي ٿانءُ، ممت نه رهي من ۾
جڳت ڏسي جڳديش ۾، جڳديش جڳت مانهه
ڳالهه ڇوڻ جي نانهه، چئجي ڪئن چپن سان؟

(٤) پيد اڀيد سمايا

ماڙي ۽ ڪي در چار، چئني ٻري مشعالڙو
جالي جام تماچي، تالي نوري نار
مليا گهوٽ ڪنوار، تڏِي سر ۾ ٿيو سوجهرو.

سامي هرفن مولي هر ذهن ۽ رمز ٻري پورن آهي. ويدوادي نه آهي ٿي. سا سندس دعوي آهي. پر صوفي اَدب ۽ اظهار جو به پاڇي پانت جاڙو

اسم وار هن ويد ويچار جو وستار هن ريـ
ڪري سگهجي ٿو:-

(١) ساري سرشٽي ايشور جي رچيل مايا آهـ
جا ابڊياڻي پربل آهي جيڏو سرجڻهار پاڻ آهي.

(٢) هر ساهواري ايشوري شڪتيءَ جو قطـ
آهي. يعني امر اَڏول جوت جو وارث آهي.

(٣) خالق ۽ خلق هڪ ئي ڳالهه آهي. "خالـ
خلق، خلق ۾ خالق" جو حسابي ڪتابي جوڙ آهيـ

(٤) "هيڪڙائي هڪ ٿيا" سا آخرين منزل آهـ
ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ آخرين منزل کي "نـ
محل" جو شرف ڏنو آهي. پنهنجي اُڪري ڪلا جـ
ڪمال ڏيکاريندي ناﻻ بدﻻئيندو به ويو آهي. ڪٿـ
'انپو تخت' ته ڪٿي 'رام ننگر' ته ڪٿي ورـ
'اَڄ'، 'سير' ۽ 'سڪپت سيج' به چيو اٿائين. مطلـ
ته ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪندو ويو آهي. محل کـ
منار ڪپن. تخت يا سيج کي پايا ڪپن. سي گهت
گهٽ چار. ته ڏهن ساميءَ جو دامودر، هيءُ خاڪـ
جسم نُور محل، چار مينار سينگار آهي. هڪ هـ
منار جي اوساري سامي اڪري ايئن ڪئي ٿو:-

(١) ويا پڪتا

عجائب قدرت، قادر رچي ڪل سان

ٽيڙا چور لڳي، سامي راڄ دربار ۾ چور لڳي ٿيا معنيٰ نڳ ٽٽو ٿيو. تڏهن ڪٻڌ جي جڳهه پريم والاري، تنهن پريم، پرواه صاحب ڪري نروار ٿيو. نڳ، ڪي ڏيڍ نڳ، ڪڍي ٻاهر ڪيو. جو ساميءَ جو سار دُول سو شاه جو 'روح رٻاب'. سر سهڻيءَ ۾ چوي ٿو:-

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاٽان هو حجاب
واجٽ وڄي وجُود ۾، رهيم رُوح رٻاب
ساهڙ رءِ صواب آئون گهٽڙئي، گهوريان

سار دُول جنهن من مرونءَ ڪي ٻچاريو ٿي سو هاڻ ڦري اَنهد جو آواز ٻڌيو، جو رُوح کي راحت ڀيو ڏئي.

سامي من جي هن بدليل حالت کي حرفي جوڙ ڏنو آهي 'من اَمن' يعني من، جو هاڻ من جي ڀاو نه رهيو مطلب ته چنچلتا ڇڏي محڪم ٿيو. تڏهن پايو پڪو ٻڌو. هيءَ ضدي اَکرن جو جوڙ آهي جو ساميءَ جي ڪلا جي ساک ڀري ٿو. عام طرح سان من اَمن نه چئبو آهي. سامي سو چاٽي ٿو. تڏهن من اَچاه به جوڙ ڪم ۾ آندو اُتائين ۾ ڪئن ٿو معنيٰ ڪوٺي. من جو سڀاءُ آهي 'چاه'، ترشنا. سو من اَچاه ٿيو يعني ترشنا کان مڪت ته پوءِ من پنهنجي سڀاو جو

آهي. 'عشق ڏنائون اباڻي'، "عشق اِلاهي ذات
ڇا عرف آهن ۽ ڇا خيالات جي اُڏام! پر ڪهڙ
نه سڌي پٽ بند ٿيو ڪرائي. ٻولي لس آهي
حرف سولا. پر جيترو سولا اوترو ئي ڳجهه ڳجهان
جي پار آهن. اِها اَديب جي خوبي آهي. ٻڙ
سمجهڻ لاءِ لغت کولڻ جي ضرورت نه پوي.
دماغ جي ڪوٺ کوٺان ڪانسواءِ ڪجهه پاڻهي نه پو
هي پروليون آهن.

منزل ڪي "سيج" ڇيو اٿائين ۽ ماڙي به ج
سيج وڇائي پيئي آهي. گهوٽ ڪنوار مان ٿڏ
سيج جس ڪٺي ۽ ماڙيءَ مشعالڙو ٻري. سو ٿيو خاڪ
جسم محل ۾ نُوراني نُور جو نظارو جنهن کي "س
سوجهرو" چوي ٿو. پر سنڌي ٻار آهي. برابر اَمرت
۾ رهيو هو ۽ ڪافي وقت رهيو هو. پر سنڌي اَد
سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي روحاني خزاني جي ج
رکي ٿو. ٿڏهن سامي وڏي فخر سان نوري
تماچيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار سڦل جي
ڪلا جو اِظهار ڪري ٿو. ويد ويچار ۽ صوفيا
واري! ڇا ته محفل جي موج مچائي ٿو!

ويڙا ڪرم پڇي ڏسي، پر پيم پرواه ڪي
پڌي گاج سار ڏول جي، جيئن مرگهن جوءِ لڄي

اُپيد جو پردو هٽي ويو. سو ٿيو لڙ کي لت هڻي،
ڪثرت وحدت ڪل جي سڪپت سيج تي وڃي
آرامي ٿيڻ، نوري جام نماچيءَ جيان.

بنياد ڪپي. ڪوئي ٿنڀو ڪپي جو محل ۾ چار منار پڪيءَ پيڙھ نهڪي بيهن. سو بہ ڏس ساميءَ ڏسيو آهي. چوي ٿو:-

سامي نگہ لڌو، جنهن نگيو آهي جهان کي
محڪم من ٿنڀي سان، پريم جي دام ٻڌو
ڇڏي ول ڇل پنهنجو، ٿيڙو نگہ، تڏو
سهجي ساڳہ رڌو، سو ڪائي نت خوشيءَ سان.

”ساڳہ رڌو!“ ساميءَ گهر جو ڪارخانو ڏٺو آهي. پر آهي ڳالهہ نيڪ، حالانڪ ٻرلي مذاقي آهي. ماڙيءَ منٿي محل ۾ جو وهٽو آهي تہ ضرور رڌ پچا ٻہ تہ ٿيندي. ٻڪ، تہ ڪونہ مربو. سو من ٿنڀي کي جڏهن ٻڌي، تڏهن ڪارج سڌ ٿئي. من چنچل آهي. وڪار روپ آهي. پوءِ ٿنڀو وڪار روپ ۾ محل نوُر درشن تہ پوءِ بنياد تہ اُلٽو پئجي ويو. عمارت ڪٿن ٽڪندي. تڏهن وري ”محڪم من“ تجنيس حرفي، هڪ اُکري جوڙ بنايائين.

پر من محڪم ڪيئن ٿئي؟ چوي ٿو تہ پريم جي دام ٻڌ يس. اها ڳالهہ سچ پچ تہ سمجهہ ۾ ڪانہ آئي.

۽ رهيو نه ٿيو 'من اَمن' - سامي چوي ٿو:-

ستگر جهڙو شاهه، ڪونه ڏٺو سين ڪاٿهين
پرچي ڏنو جنهن پُور بي، آتم ڏن اٿاهه
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهه
ڪري من اُجاهه، سامي چڙهيائين چن ۾.

هيءَ ستگر ۽ ساڌ سنگت جي مهما آهي جا ساميءَ جي سلوڪن جي خاص خوبي آهي نه جي چاهين نه مڪتي حاصل ٿئي نه ساڌن جو سنگ ڪر جنهن شاهه ڇيو سنسيءَ ڪي نه، وڃي مرشد ڪر يعني وڏڪار چڙي، واپس وري تن سان مل جن اڳئي، اِهو پنڌ ڪڇيو آهي ۽ هيءُ گيتا جو گيان به آهي نه راهه کهڙي به اُڇين، جو گرط کپي سو آهي صاف دل معنيٰ 'من اَمن'. هيءُ ساميءَ جي گيان وارتا جو مرڪزي منتر آهي. جنهن هيءُ منتر گرهڻ ڪيو سو سامي چوي:-

چرخو پڇي چاهه جو وحدت منجهه ويو

ويدانتي ٻول ۽ صوفيانو لباس - چوراسي لک جوڻين کان مڪتي حاصل ٿي. خاڪي گهڙو انسان پرمن جو پندار آهي. هاڻ پرم سڀ ٻڌي ويا سو ٿيو سر ۾ سوجهرو. يعني سرت ۾ نرت جي حالت چڙهن جيڏي ٿي ذات لڳي ذات ڪي سڃاڻڻ ۽ پيد

مواس ٿـڏو ڪٿن ٿـئي؟ ڇيائين 'ساردُول' وڃاءِ.
ساردول هڪ وڏو نقارو آهي جو شڪاري وڄائيندا
آهن ته مورن پنهنجن پرن مان خوف وچان ڪري
ٻاهر ٽپن ته شڪار ٿي وڃن. ساردُول جو آواز مورن ۾
جي پر ۾ گونجندو آهي ۽ هوُ ڏڄندو آهي.

من ته مار ڪانسواءِ باز اچي ڪري ٿو. تڏهن پريم جو نشو هٿ ڪيئن ڪارگر ٿيندو؟ تنهن، لفظ ڪم ۾ آندو اٿائين جنهن کي ٻه معنائون ڏنيون اٿائين جا حرفي ڪلا آهي. همٿ رکي اٿائين. تنهن، معنيٰ ڀڳوان، جو تنهن جيان جهان ۾ گهمندو ٿو ولي ۽ تنهن، معنيٰ چور، من جي اندر ٿي اندر ڪاٽ پيو ٿو هڻي ۽ لوڪي سمڪ ڪانه ٿي پوي. هڪ تشبيهه پسند تصوير چٽي ٿو احوال ڪري ٿو :-

سوئي سپاهي، جو ماري من مواس کي
جوڙا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي ٿئي چو ڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه دس دهائي، ڦيري ڦرني فوج ري.

ڦرني ري ۽ ڦرڻ آهي ساڳئي، رڌي خوش ٿي ويهي کائڻ. من مراد ساڳيائي ۾ تشبيهه ٻي ۽ تجنيس حرفي ڪلا به وزندار ۽ هيءَ تصوير سندس هجرگو ڪلا جي به ساک، پري ٿو. منش سمجهي ٿو ته مان ڪا هستي آهيان ۽ مڇ کي ٽاءَ ڏيئي هلي ٿو. ٻيو اِها خبر اٿس ڪانه ڪا ته پاڻ کي نگي ٿو ٻيو. سماج سڌارڪ، هجو گو ڪلا جو استعمال جنهن جو ٿئين ڪندا آهن. روحاني رهبر ديهه اُيمان کي هڪ وڏو مرض سمجهندا آهن. هيءَ سپاهي به ديهه اُيمان جو شڪار آهي. هاڻي اِهو تنهن، مست گهوڙو من

ٿي ۽ حرفين حرفن جي حرڪت آهي، خيال مڪمل
آهي. نه پوءِ ثالث ئي آهي نه وارث ئي آهي. معنيٰ
ڪل پاڻ آهي.

پر پوءِ داغ ڪٿان ٿو لڳيس؟ ڇپائين ڇهڻ ۾ ٿو
اچي. چوي ٿو:-

نماڻن جو ماڻ، پلڪ پرانهون نه ٿئي.
وهان ڏ وهي سامهون، ڏسان ته ڏسي پاڻ.
سامي پرڪ سڄاڻ، هٿ لائي هٿ نه اچي.

'هٿ لائي هٿ نه اچي' ڇا پرولي آهي! پاڻ
سان ڪي هٿ لائي ٿو پر پاڻ ئي هٿ لڳائڻ ٿو
ئي. ڏسي ٿو، پر ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

هيءُ ويدانت مت آهي ته جو ڪل فعل جي ڪلا
وئي امورت، افعل ۽ اڪال آهي. هيءُ سلوڪ
رولي آهي. باطني ظاهري ڀيد اڀيد جو وستار آهي
جو زبان جي ذڪر کان ٻاهر آهي. يعني جنهن جو
صرف احساس ئي ٿي سگهي ٿو. چون ٿا:-

انهو اِشارت، سمجهي ڪو سورمو
جو ڳُٺي ڪين اندر ۾، ويلا ۽ وقت
جاڳي ڏئي سڀ جڳ جي، ليڪي اُلي لت
لنگهي' پنجئي لت، اسٿت ٿئي آنند ۾.

سنڌي لوڪ ڪهاڻين ٿي چڙهيل روحاني رنگ

وياپڪتا

جنهن مان اُٿي وِس، سو وياپڪ آهي وِس ۾
پائي منهن مهراڻ ۾، ڏيئو ٻاري ڏس
سامي چنڊ آلس، جاڳـ لـ لهين سپرين.

دنيا ضدن جو فسانو آهي. بنياد سرجڻهار جو وڌ
آهي. خرد ضدن جو جوڙ آهي. وياپڪ آهي
پر اليپ آهي. ڳڻوان آهي، پر ڳڻ به ڪونهيس
يعني ته جنهن حساب ڳڻ جو ضد اَوڳڻ آهي تنه
حوالي سرجڻهار ڳڻوان نه آهي، هو ڳڻ اوڳڻ ک
ٿالث يعني نرالو آهي. نرليپ آهي، جنهن ک
ڪوئي ليپ يعني داغ نه لڳي. تڏهن ڳڻوان ج
حاصل مطلب ڇا؟ سا ڪٿا سامي پنهنجي اَنوڪي ر
ڪٿي ٿو.

'وس' ڪثرت جي اَنداز لفظ آهي. بر پٽ
ضد آهي. 'وس' معنيٰ وسيل. پر "جنهن مان اُٿي
سو ٿيو واحد. مطلب ته وحدت مان ڪثرت ٿي
ٻوءِ اڳتي هاي ڇا ٿيو؟ 'وس' ۾ سمائجي ويو ته ٿ
وياپڪ. يعني "ڪثرت وحدت ڪل" هيءَ سامي
چوي يا شاهه؟ چيائين ٻئي. خيال ساڳيو. اَحوال ٻ

سيد جو سچو ٻن، ساميءَ جو ست پرکي، ۽ شاه جو ڀنڀور، سسئيءَ لاءِ ٻن جي ٻوليءَ ۾ لڙ آهي. سسئيءَ هن لڙ لوساڻيل هئي، طالب هئي ته وڃ واپار لاءِ وڪار ويئي هئي، پنهونءَ جي ڪوچ ۾، پر شاه هن کي سمجهائي، ڌاڳي گهر وٺي آيو ته ”پاڻي منهن مهراڻ ۾“ ”منجهي ڀيهي ڏس“. تڏهن سسئيءَ اُنيڙ ڪيو ته:-

ڀيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سڙ هئا.

سسئيءَ جي ديهه وديهه ٿي ويئي. مطلب ته ظاهري عاشق سسئي، باطني معشوق پنهو ٿي پيئي ۽ ’منجهي‘ عشق جي مشق پچائڻ لڳي.

وصل ٻئي در جي ۾ آهي. ويا پڪتا جي حساب ٻئي برابر آهن. پر سسئي پاڻ پنهو ٿي پئي- پنهو رهيو ٿي ڪونه پر وصل راڻو هر جڳهه حاضر ناظر ڏسڻ لڳي. پاڻ به رهي ته راڻو به رهيو. ’چوڏس چناڻو‘ ۽ ’راڻو ۽ راڻو‘ هي وصل جي احساس جا واڪ آهن، جي ساميءَ جي هن مصرعسان جڙي ٿا اچن:-

وهان ته وهي سامهون، ڏسان ته ڏسي پاڻ.

مطلب وصل دلجي حساب ته اُٿڻ، وهڻ، ڏسڻ سڀ حصي رسيءَ حساب راڻي جو فعل آهي ۽ حالت

هن اُنهيءَ اِشارت جو ڪمال آهي. پنج تت پنا
آدشڪت جو اولاد آهي. سو نه ٻندو پاڻ ٿيو، ت
پاڻ کان پاڻ ڪيئن لنگهي ويندو؟ يعني ته پنهنج
ديهه اَيمان ڇڏي ته پاڻ ڏسي، هيءَ سمئيءَ ج
کهاڻي آهي ۽ هن سلوڪ سان گڏ وڏيڪ خلاص
ٿي پيهندي.

سداءِ مهمان، گرمڪ، جاڻي پاڻ کي
سائين سڀو مهر ڪري، هٽي سيتل ٻاڻ
منجهي ديهه وديهه ٿئي، ڇڏي پنهنجو پاڻ
ست پرک ساڻ، ميلو ڪري مگن ٿي.

پڇاڙيءَ جون ٻه مصرعون مطلب واريون آهن
ائين سمجهي ته هيءَ هڪ ديهه، وديهه' جي نال
سان مضمون آهي، ديهه، وديهه معنيٰ ديهه ديهه
رهي. جئن من اَمن ٿئن ديهه وديهه. ٻر "منجهي
يعني ظاهري ديهه کي باطني ڏهه ناتي لنجي پا
ڏنائين سڀ ۾ يا ڇڻ نه سڀ ڏنائين پاڻ ۾. سو ت
'ليکي اُتي لت ڏيڻ' ليکو ٻن جي وچ ۾ ٿيندو آهي
هيءَ دوئيءَ جو دليل آهي جو گمان ۽ عليل دل ج
نشاني آهي جنهن جي هڇي سيد عبدالڪريم ه
رِيت ڪري ٿو:-

اَسين سڪُون جن کي، سي اَسين پاڻ
هاڻي وچ گمان، صحيح سڃاڻو سپرين.

عشق ايلچي

پاڻ پرين ۽ ڪٿي ڏات، تڏهن عشق ڏنائون ايلچي
رڙهي ويو رهت سان، جتي ڏينهن نه رات.
متي ويئي من مان، سامي ڇوي سڀ تات.
عشق اِلاهي ذات، تي ذات سچائي ذات ڪي.

عشق ڏنائون ايلچي! حاڪم جو عيوضي، تنهن ڪي ايلچي چئبو آهي. جنهن شهنشاهه جو عيوضي عشق سو شاهن جو شاهه پاڻ ڇا هوندو؟ عشق جو جنم داتا! بلڪل صحيح، جئن بيدل فقير جو ڪلام آهي :-

عشق جو جامو پهري صورت منجهه سمائين.

عاشق - عشق - معشوق. عاشق ۽ معشوق! اِسمن ڪي جوڙ نه ڪجي. سو عشق جي زير. عشق حرف جملو آهي. پر عشق جڏهن ڪا صورت اختيار ڪري ته ڇا سڏائي؟ عاشق ڪ معشوق؟ جيڪي به سڏائي پر هاڻي عشق حرف جملو نه آهي. اِسمي صورت جو اٿس. پر جي اِها صورت اختيار ڪري ته عاشق سڏائي يا ڪ معشوق؟ صورت اختيار ڪرڻ تيو سرت ۾ اچڻ جهن ڪي سرجيت حالت چئبو. اُن ڪان الڳ جي حالت ڇا هئي، تنهنجي

فاعلي راڱي جي آهي، پر ڇهون مصدر جي ترڪيب
۾ نٿو اچي، جا مُومل چاهي ٿي. پر پوءِ جڏهن ائين
نہ ٿي سگهيو تڏهن چيائين تہ ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟
ڪل راڻو ٿي راڻو نہ آهي. پر سستيءَ سان ڇهون
جو سوال ٿي ڪو نہ هو. پاٽهين تہ سڀ ڪجهہ هئي
پوءِ ڇهي ڪنهن ڪي؟ حاضرءَ ناظر پاٽهين؟ هئيءَ جو
درجو آهي.

لنگهي پنجئي تت، اِستت ٿئي آنند ۾.

يعني ديهہ وديهہ ٿي ۽ پاڪ جا ڦند ٽوڙي ڦري
ڪان فارغ ٿي ويهي رهي پنهنجن پڪن ۾.

اھڙي رنگ رچن، سي عاشق معشوق ٿيا.

پڇيائين تہ وچ جو مرونو ڪنھن ڪاڍو؟ چيائين 'سا حالت فاعاي عشق جي'.

ھي سامي آدم جي ڪھاڻي ڪٿي ٿو. رمز پنھنجيءَ پرچاپ صوفيانيءَ. عشق جي زير بار شاھہ خاڪ جو پتلو بنايو ھو ۽ آگ جي بودلن کي فرمان ٿيو تہ ھن اشرف ال آدم کي سلام ڪيو. سڀني ڪيو. پر ھڪ نہ ڪيو، جنھن جو نالو عزازيل ھو. تڪبر جي ناو انڪاري ٿيو ھو تہ آگ ڪئن سجدو ڪندي خاڪ جي اڳيان؟ انحرافيءَ جي سبب سزا بہ پاتائين دوزخ جي زندان جي. پر آخر ۾ سابہ شڪتي ھئي. ڪيڏي ڪٿ ۽ وِت؟ تنھن جواب عزازيل بندي جي جسم ۾ پرويش ڪري وينو پنھنجو زور آزمائڻ لاءِ. سامي چوي ٿو:-

چيو وڃي نہ من، ڳاڙھو، ڪارو، قمرو
جنھن کي ماءُ نہ پيءُ ڪو، نڪو ديس وطن
ڪن ۾ ڪري خيال سان، ٿيئي لوڪ گمن
ڪڏھن پمي ٿئي پرسن، ڪڏھن سامي روئي راج ۾.

تہ عزازيل جو نالو 'من' شڪتي آھي. سامي چوي ٿو تہ انھيءَ کي بہ ماءُ پيءُ ڪونھي. پوءِ اھا بہ تہ پربل شڪتي ٿي ۽ سا بہ اھڙي پربل شڪتي جھڙي

سمک سرجيت جيو کي خبرکا آهي. پر کجھ ل

آهي.

سرت جان سرجيت جيو، جنهن کي سامي چوي ت
"نور محل" يعني نُور جو درشن. نه پوءِ چوڻ چئجي
نه سرت ۽ نرت معنا جيو، يعني ظاهريءَ ۽ باطنيءَ
جي پرک، برک ۽ برق، پر اها برق معنا نور
شکتي اهڙيءَ رمز سمايل يعني پکڙيل آهي ج
ٻئي هک ٻئي جي معنا پڌائين ۽ سمجهائين تا
سرت نرت جو وجود آهي ته نرت وري سرت
جي باک آهي. جي فنا ته ٻئي فنا. جي بقا ت
ٻئي بقا. فنا جو سوال کونهي ڇاڪاڻ ته اکين کي
دوکو ڏيئي نٿا سگهون. نه باقي پاڇي ٿيو بقا ٿي
بقا. سو ٿيو ذات جو ذات کي سڃاڻڻ ته ٻئي ذات
"سر" آهيون. پوءِ عاشق سڏائين يا معشوق پ
آهيون "عشق جا اَوتار" ته ڏهن من ۾ هاڻ ٻي ک
ٿات نه رهي.

هيءُ کو منهنجو نظريو نه آهي. هيءُ ساميءَ ج
فيصلو آهي ته:-

عاشق سي چئجن، جن ٿي عاشق پاڻ ٿيو.

يعني نرت ٿي عاشق ٿئي سرت ٿي. تڏهن ت
وڌائي سامي چوي:-

جهڙو سنگ لهڙو پڻ سنگ. هيءَ ساميءَ جو عقيدو آهي ۽ تنهنجو پرچار ڪندي چوي ٿو:-

بنا ست سنگت جي، وهڻ منجهه وهي
سامي ڪئن لهي، پني ڏيئي پاڻ کي

'عشق اگم ۾ آءُ!' ست سنگ عشق جو اُگهڻ آهي.

اُت عشق اپار جي دونهين پيئي دکي. اِتاهين جا چڻنگ توکي لڳندي سا تنهنجا ڪپاٽ کوليندي. تڏهن توکي ياد ايندي ته ڏينهن ازل مٿي عرش جا توکي سوغات عشق جي ڏان ۾ ملي هئي سا تو ڪٿي کوهي ڇڏي؟ عرش مٿي خدا عاشق هو ۽ تون معشوق. اِها ياد تازي رکـ. اِنهيءَ ياد جي زور بار تون دل اندر درد جو احساس ڪندين ۽ هلندي چاندي پاڻ کي کوهيو پيو سمجهندين. اِها عاشق جي نيشاني آهي. معشوق جي تلاش ۾ آهين، جر ڪنهن وقت تنهنجو درجو هو، ته معشوق عاشق ٿيو. هاڻ تون آپي ٿو وهين. پني ڏيئي ٿو پيو هلين. يعني اسار سنسار کي تو ست سمجهيو هو ۽ سنسازي سکن جي تلاش ۾ رُلڻ به ٿي ته ڪاڏءِ بسه ٿي. هاڻ اِهي سکـ تون اک سمان سمجهين ٿو. تنهنجي اِنهيءَ بدليل حالت جو احوال ڏيندي سامي چوي ٿو:-

ايشوري شڪتي، جو ايشور کي ٻ نه ماڻ پي
ڪونهي. هاڻ هن پروليءَ جو حل ڪٿ نڪري،
انسان من کي مات ڏيئي پنهنجيءَ هستيءَ ڊ
ڇمائي.

'پني تئي پرسن' ۽ 'روئي راڄ ۾' هي ٻه حالتو
آهن. ٻنهي حساب احوال بدتر اٿس. راڄ ڀاڳ لـ
اٿس، ته به روئي ٿو پيو. ٿيو ترشنا جي وس پ
هوندي، پاڻ پروس تي پيو آهي. گهٽي ۾ گهٽو ڪپڙ
تڏهن هوندي مال به روئي پيو. حالت خراب اٿس
پنهنجو ٺڪر ڪائي ٿو گذران ڪري ته به منهن موڙ
ڪنهن ٻئي طرف دوا درمل جي کوج نٿو ڪري
اهڙو پنهنجو پاڻ ڀلائي ويٺو آهي. هيءَ "ڏيئي ت
اڌيري" جي حالت آهي. من مواس جي وس اچ
هيءُ ٻاهر ڀٽڪي ٿو ۽ دل جي ڏاڍي ڪولي نٿ
تڏهن سامي چوي ٿو:-

تون ته موڙي من پون کي، سامي اندر آڻ.
ساميءَ ته نيڪ ڇيو، ڀر کهڙيءَ ڇٽنگ ڇٽنگائي

جي چڙت من ڪرهو پنهنجي ڪڏيءَ ڇوڻ چڙ
ڪنبن ڪائڻ جي عادت کان باز اچي. تڏهن سامي
ورائي اوائلي واڪ جي ياد ڏياريندي چوي ٿو:-

آهي هڪ اُپاءُ، جنم مرڻ دکـ، سوُر جـ
سامي ست سنگت سان ملي، عشق اگم ۾ آءُ.

صورت جو سلطان، ٻار کي اسم عام سڏائيندو آهيان.
اسم خاص به مان آهيان. سو ڪو عام جو ضد خاص
نه پر بطور سمجهاڻيءَ هڪ حسابي اشارو آهيان.
حساب چڪتو ٿيڻ تي اشارو غائب ۽ نظارو قائم؛
جو آهي الف (ا) مد آ آدم جو ۽ آتم رام جو
ورائي هڪ ٿي وڃڻ.

عاشق جاڻن اَڪ، سامي سڪ، سنسار جا.

معشوق عاشق ٿيو. عاشق ضرور معشوق ٿ
هوندو؟ ضرور. اِهو درجو هاڻ خدا جو آهي. تو
طالب آهين ۽ هوُ مطلوُب. تڏهن چئبو تہ تو براب
من پوَن جو منهن موڙي اَندر آندو. هاڻ تون م
جي ’قرلي کان فارغ‘ آهين. جڏهن اِها دل جي
صفائي تو ڏني تہ پوءِ ”مرد ملاح“ پڇي، توکي
پنهنجو ڪندو، هاڻ، اِهو سوال تہ عاشق ڪ
معشوق ڪير، معنيٰ ڇڏي بيٺو آهي. سڀ عشق ئ
عشق آهي. تہ پوءِ ڪنهنجو ورثو ۽ ڪير وارث
ڇپائين سوال ئي نٿو اُٿي. هيءَ اُهو ورثو نہ آهي
جو ڪنهن جي مئي پڇاڻان ملندو آهي. هيءَ اُم
ورثو آهي ۽ تون اُها ٻجوڙي آهين. ڪنجي ت
وت آهي. لڳائين نہ لڳائين، اختيار تنهنجو آهي
جن کي اِنهيءَ اختيار جي ڄاڻ آهي تن لاءِ سامي
چوي ٿو:-

گهڙي لڌائون گهر مون، اَنيئي آتم گيان.

آتم گيان معنيٰ پنهنجي سرنامي جي ڄاڻ پڇاڻ تہ ما
ڪير ۽ ڪٿي جو رهواسي آهيان؟ مان اِسم آهيان
اِسم ذات، گڻن جي کاڻ، شڪتي آهيان. پنهنج
مرضيءَ صورت اختيار ڪري سگهندو آهيان

سهڻي جيان سير چڙهي، مري مشاهدو ماڻ. ڀڪي ڪ
ڪڇي دلي، سؤدو پيار جو آهي.

ڀو شڪايت آهي ساميءَ جي ته وڏيرو ٻنهي
جهانن کان پاڻ وڃائي ويٺو آهي. نه ته ٻه گدرا هٿ،
ڪرڻ سياڻپ نه آهي، پر هڪ ٻه گدرو هٿ ڪرڻ
نٿو چاهي. پنهنجو هٿ کولي نٿو. ٻئي جي هٿ تان
اُڪي، هٿائي نٿو. تڏهن ليلان، چنيسر وڃايو هوءِ
سنواريل سيج بگاڙي هٿي. تنهن ڳالهه ساميءَ اُرمان
آهي. مايا نانگڻيءَ اشارو ڪري چوي ٿو:-

ڏنا ٻڏا ڪين ڪي، سي وهڻ ڀيئي وهائي
وڃهي جار ڀـرم جو، ڀلا ڀي ٿي ڀلائي
پنهنجا ڪيو ڪائي، ڪنهنجي چلي ڪانه ڪا.

"پنهنجا ڪيو ڪائي،" چا ته گفتو آهي! سيٺ
ڀت ڏياريءَ رات پوڄن ڪري سيج پلنگ
سينگاري ستو. رسوئي گهر ۾ ديگڙن مان ڪتن ٻلن
ٻه ڪائي رڄ ڪيو ته ٻه مال ٻڇيو پيو هو. تنهن سيٺ
کي لڪشمي ماتا درشن ڏنو. ڏاڍي مٺڙي آواز
پڇيو، "اُبا ڪجهه کپيئي؟" "ها ماتا! مون
مسڪين تي ديا ڪر."، "هان وت اُبا." ٻندو
بي ايمان ڪڳيون ٻيو هٺي ته لڪشمي ماتا ۾ ڪيتري
نه پنهنجائيءَ جي ڀاونا آهي. پر پرم جي ٻولي پلايل

ساردُول

وڏا ڪرم ٻچي، ڏسي پريم پرواهه ڪي
ٻڌي گاج ساردُول جي، جيئن مرگهن جُوءِ لڇي
ٽيڙا چور لڇي، سامي راڄ دربار ۾.

حقيقت ياڪ حڪايت! ڪمي ڪنهن پرڪا
ڪانهي. پوءِ به شڪايت! سو ڇو؟ هيءُ معاملو آهي
جنهن چڪر سنسار جو سلسلو هلي رهيو آهي، پر
تڏهن ٽٽندي جڏهن اِها اُلجهڻ سلجهي. پر نه اِنهي
ڳنڍ پيچ کلي نه پرلئه ٿئي پر ٿئي به ڇو؟ قدرت
آهي سا سدائين قائم آهي پر آهي عجب رنگ
اِسرار، جو سدائين رازئي رهندو.

حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي ڪي به قدرت
۾ ڏسين ٿو سو تنهنجي قدبت جو مقدار آهي
حالانڪ تون قادر نه آهين. تنهنجو سرير تنهنجو س
آهي. وڃندو تنهن سر جنهن رمز تون تند ڇوڙيندين
ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍڻي نه آهي.

حڪايت آهي ته تون پاڪ ذات جو پاڪ جز
آهين، يعني اَنوَت انگ. چاهين ته سسئيءَ جيان پا
پنهون سمجهي، پاڻ پرچي پاڻ سان، هن پار ويهه،

ڪان ٿـون پـاسو ڪري هـل. اِهـي ڪُن آهن، سي ٿـوڪي پاتال پسائيندا ۽ سو اهڙو پاتال آهي جـو اُن کي ٿـرو ٿـي ڪونهي. چڪڻ آهي، جهـت ڪري وٺندء. سڪـــ، سمهـڻ نـه ڏيندء. مايـو ٿـه ملڻ جي ماڳـــ، جـو اُتيئي سو پڻ ڪوهي وهندين. اُگر ٿـگر ويندء. سي ڇـور ڪرم اُتيئي. ٿـون ڪو اهڙو ڀلا ڪرم ڪر، جو اِهي چور لهي تين ۽ سو ڪرم آهي سارڌؤل ٽي ڏونڪو هٽڻ.

سامي چترڪار آهي ۽ ٿنهن ڪلا پنهنجو مت پاڻ آهي. جيون سڪو آهي. سڪي پاسا ۾. هڪ پاسي چاپ لڳل آهي شڪار گـاه جي ٿـه ٻئي پـاسي راج دربار. شير شيطان جو شڪار ڪرٽو آهي. شير پنهنجيءَ غفا ۾ ويٺو آهي. ٻاهر نڪري ٿـه شڪار ٿـئي. من غفا آهي. شير جو شڪار ڪري، زنجيرن ۾ جڪڙي، جوابدار ملزم جي حالت ۾، هن کي راج دربار ڌرمراء جي ۾ حاضر ڪرٽو آهي. هيءُ جيون جو سڪو ۽ اُن جو سار آهي.

شڪاري شڪار ٽي هلندا آهن ته پاڻ سان ٻياي ڪٽندا آهن، جي سارڌؤل وڃائيندا آهن. هيءُ نغارو آهي. ڏونڪو لڳو آواز ٿيـو. اُن کي سارڌؤل جي ڪـاج چوندا آهن، سا جڏهن مرؤن پنهنجن ڀرن ۾ پڌندا آهن ته انين سمجهندا آهن ته هاڻ اُت سندن

ٿو ڄاڻي ته مايا درخت جي ڇايا ۾ گهر جو ٻاڻي
آهي. دولت معنيٰ دو وقت ۾ ٻه لتون. اُچڻ وقت
اڳيان لت هڻي ته سينو سيٽي هلي ۽ وڃڻ وقت
پٺيان لت هڻي ته ڳڪ ڪڍي ڇڏي ڄڻڪ ڪبو ٿي
وڃايل مايا ٿو ڳولهي، جا هاءِ! هٿ اُچيس ڪانه ٿي

هيءُ مرض آهي. "مايا جار" نالو اٿس. طبيب
پڇيو مريض کان، "أبا ڪر خبر ڪهڙيءَ ويل ڦاٿين؟"
اُتر ۾ مريض آکيو، "سائين پنهنجي شوق. نڪنهن مي
منٿ ڪئي، نه ڪنهن زور ڪيو." جا ته ساميءَ جي
رمز آهي گيان ڪٿڻ جي! وري جو نسخو ڏسيو اٿس
سو سندس ساهتڪ چترڪلا جي ڪمال جو ٻي نظير
مثال آهي. نسخو نالي "ساردول" آهي. سلوڪ
اٿس :-

ويڙا ڪرم ٻجي، ڏسي پريم پرواهه ڪي
ٻڌي ڳاج ساردول جي، جيئن مرگهن جوءِ لڄي
تيڙا چور لڄي، سامي راج دربار ۾.

'پرش پرڪرتي' هيءَ جيو ماٽر جي ڪهاڻي آهي
سا سونهائي تـڏهن جڏهن وچ پريم جو واهه وهي
پر ياد رهي ته پريم جو وهڪرو پرش ڏي ۽ نه ڪ
پرڪرتيءَ طرف وهي. اُتي ته جار وڃائي ٻيٺي آهي
ته پوءِ جي ڪرم ٿوڪي اِنهيءَ مايا جار ۾ ڦاسائين ٿا

سواڳڻ

جاني جام تماچي، تاني تُوري نار.

هيءَ ڪير ٿو ٻولي! هي ڪنهن جا ٻول آهن! سامي ويدوادي يا شاهه تصوف گيانيءَ جا؟ چيائين- هيءَ گيان جي وادي آهي. ڪير به گهمي ڏسي؛ ڪير به واڪ ٻولي ۽ ٻڌي سگهي ٿو. ”دل جو مندر کولي، ڏس ته ڪير ٿو اندر ٻولي.“ دل اُها وادي آهي، ماتري آهي. دل سڀ ڪنهن کي آهي. اِنهيءَ ماتريءَ گهمي ڏس. اِنهيءَ ٻڌ ۽ پير پائي ڏس ته توکي ديرو ملندو دوست جو. ”ڏي ٽپي لهه ٽول“ هيءَ ڏس آهي.

هيءَ فيلسوفي آهي سنڌي اَدب جو نشان. بنياد آهن سنڌي لوڪ ڪهاڻيون. سنڌي اَديب سنڌي لوڪ ڪهاڻين کان پاڻ بچائي نٿو سگهي. تنهن ۾ شاهه ته ملوڪ آهي، جنهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي آتمڪ رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. پر ساميءَ به اِنهي ڏس ۾ پاڻ جڻن جو تڻن ماهايو آهي.

ورچي منڊ ۾ ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ماڻين.
ويهه م منڊ! پنهور ۾ پنيءَ ڪيچين ڪاهه.

رهڻ خطري کان خالي نہ آهي. ٽڏهن ٻہ ڇڏي ون
پڇندا آهن. پڇڻ ڪهڙو هو؟ اِها تہ ٽل هئي ڪيـ
شڪار ڪرڻ جي. جوءِ ڇڏياسون، جان وڃاياسون
جهٽڪ جهانگو ٿي ويا. پوءِ رسوئي گهر ۾ ديڳڙ
۾ پچي، ساڳي ڪري کائي خوش ٿي ويا. سو سڪ
جو ٻيو طرف. مطلب سڀئي جيئون ڪلا سمپورن

ساردول وڳو. مرون پڳو. شڪار ٿيو. پر آو
جا ٻول ڪهڙا، جو من نڳي ٻڌي ۽ ٽڏو ٿئي. ڇپائي
سو 'پريم پرواه' جو ڏولڪو يعني سڀ جو پلو، ٽنه
۾ ٽنهنجو پلو. هن نيت، جو ڪم ڪري، ٽنهن ج
ڪرم سڀ پڳا. اِڇا رهت ڪرم چوراسيءَ جي چڪ
۾ نہ وجهندو آهي. هيءُ وشو پريميءَ جو گڻ آهي
جنهن ويا کيان هيءُ سلوڪ آهي:-

جهين پايو پاڻ، ملي ساڌ سنگت سان
سو سامي رکي ڪين ڪي، وير پاءِ ڪنهن ساڻ
سڀ جو گهري ڪلياڻ، پريتم جاٽي پنهنجو.

هيءُ شاهه جو صوفي آهي، جو ويرين جو بہ واهر
ٿيندو آهي.

عاشق جو اَحوال ڪندي، ساميءَ سورٺ راڳ ڏياچ
جي ڪهاڻيءَ اِشارو ڪيو آهي.

عاشق جي آهين، ته صرفو ڇڏ سرپر جو
ڏيئي سر سائينءَ اڳيان، پير اڳي پائين.
لوڻ لڏو لڏون لائين، سامي سڀرين سان.

سامي شاهه جو پيچل آهي. پيچل ته راڳ ڪي عاشق
جو پاڻ اِنهيءَ سر پڙهايو ته-

ست ڏيئي شهباز تي ته، توڪ پرائين.

تڏهن شاهه جو عاشق راڳ تو سڏ اونائي ته -

سر ته آهي ست پر، پر پيو ڪو مڱڄ دان

'صرفي' جو سوال ڪونهي. پيو به جي ڪجهه
گهرين ته اُهو پڻ ڏيان ء. سر جي ته توسان شرط لڳل
هئي. سو ته اُنجي پُورتيءَ تو ڏيان ء. مهرباني ڪونه
تو ڪريان. تنهنجيءَ تند موڪي مستانو ڪيو آهي،
سو به ايتري حد جو:-

متو مُور نه پاڙيان، تنهنجيءَ تند تنوار.

شاهه چوئي ٿو "توڪ پرائين." جنهن لاءِ سامي چوئي ٿو
"پير اڳي پائين" يعني منزل تي پهچن، سي آهي جي
سر جو سانگو نه رکن.

پر اوري جمار تماچيءَ جي ڪهاڻي، ساميءَ

ڪهاڻي سسئيءَ پنهونءَ جي آهي. واڪ سامِيءَ
شاه جو آهي.

ڏور ڀنڀور جو اُتي ڏيهه، ويئان تي وارِي ورِي.
سسئيءَ کي سڄاڳ، ڪندي هيءَ سامِي ٿو چوي
۽ تنهن برابر شاهه ٿو چوي:-

ڪرڪو واڪو وس، پير پنهونءَ جو پس.

هيءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻي آهي. طالب جي دي
ڏرم جو سوال ڪونهي. طلب يعني نسخو سائيءَ چا
آهي ته جن پڇيو تن پاتو. سچو سلوڪ آهي:-

ورچي منڌم ويهه، ڪاهه ته ڪيچين کي ملين.
ساجهريءَ سامِي چوي، پکي پنهل جي پيهه.
ڏورينڊڙن جو اُتي ڏيهه، ويئلن تي وارِي ورِي.

ڏاڍيءَ رمز نراليءَ سامِيءَ عاشق ۽ سڏڙي ج
ٻه احوال ڪري ڇڏيو. عاشق، جو ساجهري اُتي ڏور
يعني پنهل جي پکي جي پڇا ڳاڇا ڪري.

سڏڙيوسو جو تڏو ماڻجهاندو ڪيو ويئو هجي
تجنيس حرفيءَ فن جر سامِيءَ کي شوق آهي. هر ڪ
مصرع تنهن فن جي ساک، آهي. نوان جڙ ٻه ٿو ڪ
م آڻي. رواجي طرح 'چرايي چڙهي' چوندا آهيون.
سامِيءَ "وارِي ورِي" حرف ڪم م آندا آهن.

ڏيکو ٿيو، سي اصلي خاندان جون هيون. ڄام جو
لاڙو لئين نوڀاڳي ٽار ڏانهن. تہ رنڍٽي رولو تہ
ڀوندو ٿي. هن حال جو احوال ڪندي سامي چويٿو:-

سڀ ڪا ڇڪي ڇڪ، تہ آنءُ سهاڳڻ شاہ جي.

جتن شاہ چوي:-

سميون ڪري سينگار، راءَ رپڇهائڻ آئيون

ٽار جو رينگت بند ڪرائڻ ٿي ڏاهپ آهي. تڏهن
حاڪم هڪ ڏينهن مقرر ڪيو تہ سڀ هار سينگار
ڪري وڃن. جيڪا سرس ثابت ٿي، تنهن کي ساڻ
ڪري گهمائڻ وٺي ويندس. سڀ ڏکڻي وينيون،
سواءِ هڪ نوڙيءَ جي، جا اُنهيءَ اباڻي لباس ۾ رهي ۽
جڏهن حاڪم آيو تہ، نذرانو ڇا پيٽ ڪيائين؟ نياز
پريا نيڻ ۽ اباڻا پيڻ ۽ پابوڙا. هنڙ حاصل ڇا ٿيو؟
شاہ چوي ٿو:-

راڻن ملان رات، ماڻڪ مي پرايو.

'مي' معنيٰ مهاڻيءَ، يعني سپني راڻين جي 'ملان'
معنيٰ وڇمان ماڻڪ لال جواهر حاڪم ٿي جيت پاٿي.
چو جو:-

مهاڻيءَ جي من ۾، نہ گيرب نہ گاءُ.

ڪنهن حد تائين وڌيڪ شوق سان ڳائين آهي. ج
شاه جي 'نوري'، سا ساميءَ جي 'سهاڳڻ'. چوي ٿو:

سهاڳڻ سائي، جنهن کي پرپرچي پنهنجو ڪيو.
ٻانهي هار سينگار جي، خصم کي ڀائي.

هيءَ سلوڪ نوري ڄام تماچيءَ جي ڪهاڻيءَ لي
ٻڌل آهي. هيءَ پرک، جي وقت جو بيان آهي
نوري مهاڻي برادريءَ جي ليکر. ڪينجهر ڍنڍ ج
رهواسي مهاڻا. حڪومت ڄام تماچي حاڪم جي
ٺٽو نگر ڪراچيءَ جي ويجهو سنڌ جي حڪومت ج
احوال. حاڪم ڍنڍ تي ٻيڙيءَ چڙهي سير شغل ڪر
نڪتو هو. مهاڻن جي بستيءَ ۾ نوريءَ نظر جهڙ
ورتس. حاڪم حلال ٿي ويو. پاڻ ٻڌي اچي ڏه
نڪتو. مهاڻي راڻي بڻي. سامي چوي ٿو:-

رب ٿيو راضي، ڏٺهن سالڪ جو سنگ ٿيو.
ڪامل جي ڪرم سان، ٿي اٽڪ ڪان آجي
ڪنهن جي رهي ڪانه ڪا، منت موٽا جي
نوري نواجي، ڄام سمي جاڻي ڪري.

مجازي ڪهاڻيءَ لي هيءَ روحاني رنگ ٿو چڙهي
ته "نيچ مان اوچ ڪري ميرا گوبند." جڏهن ڪر
ڪلي، رب راضي ٿئي ته پوءِ ڪنهن جي ڪاڻ نه رهي
پر مجازيءَ ٿل ڪهاڻي آهي تہ ٻين راڻين کي سا

”جالي ڪري“ معنيٰ تہ پوري پوري پرک،
ني، جام تماچيءَ نوريءَ تي نوازش ڪئي. هاڻ ٻن
جي وچ ’اَنڪ‘ نہ رهي. نوري ليلان جو ضد آهي.
ليلان ۽ چنيسر جي وچ ۾ ’اَنڪ‘ هئي هار سينگار
جي، جو ديهہ اَيمان ۽ مايا جو موهہ هو. حليميءَ جو گڻ
نہ پر هار جو هٺ هو. ماڙيءَ ليلان بہ چڙهي ويٺي
هئي، پر تہ ڏيئو ٻجهائي اَندر جو، اونده ڪري ويٺي
هئي. پر نوريءَ جي باري ۾ سامي چوي ٿو:-

ماڙيءَ ڪي در چار، چئني ٻري مشعالڙو
جالي جام تماچي، ٽالي نُوري نار
مايا گهونٽ ڪنوار، تڏي سر ۾ ٿيو سوجهرو.

هيءُ نُورمحل جي ماڙيءَ جو چوٿون منار آهي.
ءِ ”حليميءَ جي هار“ من کي اَمن ڪري ڇڏيو آهي.
تنهن يڪ ٿنڀي چار منار محل محڪم بيٺو آهي.
گهونٽ ڪنوار مليا، پيد اَپيد جو ڀاءُ نہ رهيو ۽
جڳت ۽ جڳديش ’هيڪڙائي هڪ‘ ٿيا.

’نہ ڳيرب نہ ڳاءِ!‘ تہ ڇا؟ ساميءَ چيو ’ڪاميءَ
جو هار‘. چوي ٿو:-

سهسين ڪن سينگار، پر سهاڳڻ ڪا هڪڙي.
پالو جنهن پرتيت سان، ڪاميءَ جو هار

يعني هن پرڪ جي ڏينهن ڪل راڻين جي وچ
ممت مٺائي من جي، ڪا ورلي هاي هڪ.

۽ سا هڪ هئي نوري. ممت مٺائي من جي، ڪاميءَ
جو هار، نہ ڳيرب نہ ڳاءِ، ڳالهہ مڙيئي ساڳي. سامي
شاه ڀيلهہ پيا هلن ۽ اُن هڪ جي باري ۾ سامي وڌيڪ
ڇا ٿو چوي:-

جنهن چڙهي سڪپت ٿي، سامي لاٿي سڪ
جنهن برابر شاه چيو آهي:-

نوري نيئي ڳاڏيءَ چاڙهي گندري.
تہ سڪپت سيج ٿي ڳاڏي. تڏهن شاهہ چيو
حاڪم ”حجت پڳي راڻين“ جي. جنهن برابر سامي
چوي ٿو:-

ٻيون سب چٽن چڪ سمجهہ ورائي سڪيون.
شاهہ چوي ٿو ”نوري نيئي.“ جنهن برابر سامي
چوي ٿو-

نوري نواجي، ڄام سمي ڄاڻي ڪري.

أصل جي جاڻ ڪانهي ۽ نقل تي غرور! أصلي چورن جو پاڻالپيدار، من، نه ڏيرو ڏمن جمائي ٿن منڊر ۾ ويٺو آهي، تنهنجي سڌ سماچار رکي نٿو. أڇايو پيو تو ليڪو ڪٽي. أرمان ڪائي ٿو سامي چوي :-

ورلو ڪو ڪري، ڏيا پنهنجي پاڻ تي
ڏيکيا ڏاٽ گرن جي، هردي منجهه ڌري
ممت مٽائي من جي، سامي أجر جري
پلڪ نه ٽٽي پري، سٽهه سڌ سروپ جي.

ڇا نه چترائي رکي ڇت ۾ ٿو سامي ڪٽا ڪٿي! "ڪري ڏيا پنهنجي پاڻ تي!" ڇا مطلب؟ ڇڏڪ سامي؏ ڪي ڪا غرض پئي آهي.

ويٺي سا نه ويٺي، باقي رهون رهت سان
سامي سپرين ڪي، أندر پس پيهي.

هي؏ مانڪا ڏيهي، مٿان موٽي ملي ڪين ڪي. بولي سادي. بار به سمجهي ته سامي ڇا ٿو چوڻ چاهي. ممت من جي چور آهي جا تنهنجو أندر او نڏاهون ڪري ويٺي آهي ۽ ٻاهران تون منهن ڪي پيو هلين. اها ممت مٽاء ۽ پوء أندر پس پيهي نه سڌ پوئي سٽهه سروپ جي. أکر شيرين زبان جي ساڪـ پرين ٿا ۽ بار ائين تو سمجهي ته سامي ڪيس

سچو سپاهي

سوئي سپاهي، جو ماري مَن مواس کي
جوڙا پنج جيتي ڪري، گهوڙي جا گاهي
چڙهي تنهن چؤڏول ۾، رام نگر راهي
ڏهه ڏس ڏهائي، ڦيري ڦرلي فوج ري

هڪ نقطو عشق جو، هڪ نانا جو نقطو. هي
ساڌارڻ گيان آهي. ڪا روحاني راز اُڌام ڪانهي
جيڪي ڏسجي ٿو، تنهنجو ئي بيان آهي. مَن موا
۽ منش جي وچ، ڇڪ تاڻ نوڙ راند آهي. چتر
جو شوق اٿس. سو چتر چئي ٿو گيان ڪٿي، ج
سمجهڻ ۾ به سهوليت ٿئي ۽ وار ٿا خشڪ به نه لڳي
ساڌارڻ جيو کي اِها ڄاڻ آهي ته پنج وڪار ڇ
ٿيندا آهن، ۽ اِنهن وڪارن تي قابوُ پائڻ ئي جيو
ڪلا جو سقل اَسقل اَندازو آهي. هيءَ ڏيهه اَيم
جي تصوير کينچي اٿائين جا سامهيءَ جي هجو گوُ
جي ساکـ، پوري ٿي. منش چتر! منش سپاهي
سپاهي مڇ کي تيل مکي، ڪلهي بندوق رکيو،
وچ پيو ڪري ته مان پهري خبردار آهيان. مجال آه
جو چور هتان پڇي چئي. تڏهن سامهيءَ کي هسي آئ

ٿو. ڇوي ٿو:-

ڏيئي لت نہ لوڙهي، مانک ديهہ اَمول کي
جنهن کي چاهين ديوتا، نت تيتيس ڪروڙ
سامي ست سنگ ڪري دل سان من جون واڳون موڙ
جاڳي بندن ڇوڙ، ننهنجي هٿين پاٽهين.

"واڳون موڙ" جو اشارو جانور ڏانهن آهي جو سواريءَ جي ڪم ايندو آهي ۽ صلاح ڏئي ٿو سوار کي. من کي گهوڙو چيو اٿائين. نہ هيءَ تصوير ڪيتري ٿو گهوڙي سوار سپاهيءَ جي، نہ واڳ سنڀال. مثال مست گهوڙو ڦيري نہ هٽيئي پٽ ۾ ۽ تون انهيءَ غرور رهين نہ تون گهوڙي تي سوار آهين. ياد رک نہ اهو گهوڙو ڪنهن مطلب سان مات ۾ آهي. انهيءَ موقعي جي انتظار ۾ آهي نہ تون غفلت ڪرين ۽ هو اُنجو فائدو وٺي. تنهن ڪري جاڳندو رهہ ۽ هن مانک ديهہ اَمول جو قدر ڪر.

جيڪي هوشيار رهيو، تنهن جي تصوير چئي ٿو نہ هو ڇوڏول ۾ چڙهي رام نگر راهي ٿيو. گهوڙو سنئين واٽ آيو ۽ چال جي چلولائيءَ ڪان باز آيو تڏهن سوار ٿيو سچو سپاهي نہ نہ 'اَروٽ' اَٽڪاڻ ۽ اجا ديهہ جو غلام.

لاڏ ڪوڏ مان لولي ڏيو پيو سچ جي پروڙ ڏيڻ
ستي پياري ۔

انگلستان جي مشهور هجو گو ڪلاڪارن م
شريمان سفٽ هڪ ناميارو ڪلاڪار هو. ”گليورس ٽريولس
گليور جو سفر نامو سندس مشهور ڪتاب آهي. د
ايمان جو هڪ ٻي نظير پاٺ آهي. ڇهه فٽ
لنبو جوان سمهيو پيو آهي. ٻه ٽي انچ قد وا
جيتامڙا اِنسان، سندس موٽي سرير سان حرڪت
ڪن. هيءَ جوان ننڊ ۾ آهي. ننڊ ڦٽيس ڪانه ٿي
مڇر جي چرپر ڪان جو خارش ٿيندي آهي، تنه
احساس هوءُ پاڻ کي ٽڏڙا ڪدي، ڪونگهرا پيو هٽي
آخر جڏهن اٿيو ته ڪن کي ڪٽي ۽ گيدي
وڌائين. هاڻ لڳو. پر اٿي اڇي ٻهتو جت سن
آدمي هئا. تڏهن هڪ ڇوڪريءَ ڪيس ڪٽي هد
پڃري ۾ بند ڪيو جئن طوطي کي بند ڪبو آهي
اچي مارڪيٽ ۾ رکيائينس. ٽڪيٽ لڳي ويئي
ماڻهن تماشو ڏٺو، ڇوڪريءَ پئسا ڪمايا. سڪيا پ
ڪان پاڻهين پڌري آهي. پر جيڪي روحاني رازد
هوندا آهن. سي درد سان گڏ دوا به ڏسيندا آه
تڏهن سامي اِنهيءَ ديهه ايماني سپاهيءَ جي حوال
۾ گهوڙي جي تشبيهه جو وستار ڪري اڳتي وڌ

عشق جو نقطو

عشق جو نقطو، سمجهو جنهن سامي چئي
جئندي تنهن جهان مون، ليکو کيو چکتو
کري من مکتو، سمهيو سکپت سيج تي.

جيڪڏهن ساميءَ جي سلوڪن جو سرشتو 'سرن' جي حساب ٻڌارجي ته هيءُ ساميءَ جو سر 'عشق' آهي، جنهن جي برابر آهي شاه جو سر "سورٺ". عشق مکتيءَ جو ساڌن آهي ۽ سائِيءَ عقيده شاه جي سر سورٺ ۾ شاه جي آيت آهي :-

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاري مهل
"أنا أحمد بلا ميم" سين هنئي سائـــل.
ڪنهن ڪنهن پئي ڪل، ته هردوئي هيڪ ٿيا.

جت سامي چوي "سمجهو جنهن" اُت شاه چوي "ڪنهن ڪنهن" پئي ڪل. ڇاجي؟ ته "هردوئي هيڪ ٿيا." ڪير "هيڪ ٿيا؟" چيائين :-

راجا راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيـا.

مطلب ته راءِ ۽ ٻيجل هڪ ٿيا معنيٰ ته جيڪي ٻيجل چيو سو راجا سمجهو ۽ ٻيجل ڇا چيو؟ چيائين ته ميم بن أحمد پڙهه. أحمد نالو آهي ماڻهوءَ جو. تنهن مان

'رام نگر' جو اِشارو ڪنهن مڪتي ڌام سان ن
آهي، جو هن پار آهي، نه حوالي جا لفظ آهن
'ڏهه دس' معنيٰ ڏهه طرف، جنهن جو مطلب هي
جهان آهي. معنيٰ ته تو جي من کي ماريو آهي يعني
اهي پنج وڪار هن کي گاهه ڪون تا ڀڄائين ت
پوءِ تو پرم پولي ٽرني ڪان مڪتي پاتي آهي. ٽرن
من جو ٽرم آهي، تنهن کان تو هن کي موڙي ڇڏي
آهي. هاڻي تون ٻي اونو هن سنسار ۾ 'ورچ'
سچيو واپاري بڻو اٿئون. هوُ آنند جي سيج ماڻيندو
آهي. هن پاڻ پليو آهي. خود تي ڀري خبردا
آهي، يعني سچو سپاهي آهي.

عبد' معنيٰ گولو غلام. ٿون حق جو عبد نہ آهين يعني عبدالله نہ آهين پر خود 'حق' آهين يعني ڇئہ أناالحق'، يعني أحمد نہ پر أحد -

سچل جي وات سامي بہ چوي ٿو:-

مورکـــ سڀ منجهي، پـيا ويدن جي واچ ۾
سامي لک سروُپ جي، ڪنهن سياڻي سمجهي
جنهن کي ڏني ڪنجي، ستگر عين عشق جي.

أحمد سروپ نہ آهي. سروُپ أحد آهي. عبدالحق سروُپ نہ آهي. سروُپ أناالحق آهي. ها ستگر جي سکيا آهي جنهن پاڻ جو سرو آهي "عين عشق جي" يعني أصلي عشق جو نقطو يا نسخو، جو ويدن پڙهڻ سان حاصل ڪونہ ٿو ٿئي. اِها مورکن جي وندر آهي. مورکـــ جو ضد گرمکـ. نہ گرمکـ أهو جنهن کي سروُپ جي لک پئي. يعني جنهن پاڻ سڃاتو. هيءَ گرمکـ جنهن صوفياني ڪلام سامي عاشق چوي ٿو تنهنجو گڻ آهي. هن ٻيد جي صفائي ڏيندي سامي چوي ٿو:-

گرمکـ ليکي کي چڏي، پيرا اڳي پائين
سامي لنؤ لائين، وڃي أنيءَ جي آکاس ۾.

'لنؤ' معنيٰ عشق ۽ گرمکـ معنيٰ عاشق. آکاس

'ميم' ڪڍي ڇڏ تہ رهيو اَحد، جنهن کي حد نہ هجي
ٻيڄل ڇيو راءِ کي نہ ڇڱہ تہ "مان اَحد آهيان." اَحد
خدا ڏي اِشارو آهي. معنيٰ تہ 'مان خدا آهيان
مطلب تہ خود ۽ خدا جي وچ ۾، ڪوئي فرق ڪونهي
هيءُ عشق جو نشو آهي.

منصور حلاج تي عشق سوار هو. تڏهن 'اَناالحق
جو هڻ نعرو هڻيون هو. يعني 'مان حق آهيان.
مطلب 'ٻيو' نہ آهيان. سامي ۽ جي حساب ڇڱو تہ
منصور "ليکو ڪيو چڪتو." ليکو ٻن جي وچ ۾
ٿيندو آهي. ٻہ رهيائي نہ، تہ ليکو چڪتو سمجهو
گهرجي. يعني نہ رهيو لهڻيدار ۽ نہ رهيو قرضدار
تہ باقي حالت ڇاجي رهي؟ ڇيائين مڪتيءَ جي
من مڪتو ٿيو. قرنن کان مڪت ٿيو. قرنو هو تہ مان
اَحمد آهيان. هاڻ ڄاڻ ٿيس تہ اِهو نالو اَحمد تہ
سنساري وهنوار جي سهوليت، اُنس رکيو ويو آهي
سنساري وهنوار شريعت آهي. پر حقيقت آهي تہ
مان اَحد آهيان. تڏهن 'اناالحق' جو نعرو مڪتي
جو مارگ ٿيو. سچل کي سندس مرشد هاديءَ ٻ
اِهائي راه ڏسي هئي. چوي ٿو:-

عاشق اَناالحق، آکيو پيو آکيج
هادي عبدالحق، حرف هدايت هي ڇيو.

ٿو ڪري. چوين ٿو ته هن سرير جي ذريعي مون
دوست جو ديدار ڪيو آهي سو سرير ڇڏي ۽ بهشت
ڏي هلڻ، سو ڪفر آهي. صوفين جي خيال جي اُڏام
جي به ڪا حد ناهي.

هيءَ درويش جي جيون ڪلا آهي. همن ڪي
سڪ سل، ڪيا آهن سي ٻيا سواد ڇا ڄاڻن ۽ اُهڙن
اءِ سامي چوي ٿو ته ٿن ”پاڻ ڏٺائون پاڻهِ نرکي
نماڻن“. هيءَ ڪو خرديءَ جو واڪ نه آهي. پر سچ
جي پروڙ آهي ته هوُ خود جوٽي سروپ جو جمال
آهن، يعني ديد به پاڻ ته ديدار به پاڻ ۽ جي هوُ
اناالحق چون ٿا ته اِهو ’بي حد واڪ‘ سندن سياءُ
آهي، اَيمان نه. اِها سندن ڪمائي آهي، ڪچائي نه.

معنيٰ ٻولار. عاشق اُت رهن ٿا. هيءُ خيال جي اُڏ
آهي. مطلب ته عاشق سنسار جي رات ڏن جي ليڪ
کان ٻاهر آهي. هوُ اُتي رهي ٿو جت نه رات آهي
نه ڏينهن آهي. معنيٰ عاشق پنهنجي مستيءَ ۾ رهي ٿو

اِها مستي 'لاطمع' جو نشو آهي. عاشق ک
'نيهي نر' سڏي سامي چوي ٿو:-

نيهي نر نهڪام، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو
ڪٿي جنهن گرگيات سان، طمع سڀ تمام
اَندر ٻاهر نيپ جان، ڏسي رمتا رام
سرڳ، جهڙو ڌام، سامي ڄاڻي سپنو.

سا هٿي سهٽي ۽ سسئي شاه جي، جن موُت جي
ملائڪن کي چيو:-

ڏي طهوُرا تن کي، جي سڪن لاءِ شراب.

'طهوُرا' بهشت جو شراب. عاشق کي تنهن ل
ڪاڻ ڪا نهي. عشق سوُدو نه آهي.

ويهين صديءَ جو صوفي سائين ٽيرٿداس گيان
اُچا وک اڳتي ٿو وڌائي. هڪ فقير کي موُت
جي بستري تي ڏسندي پنهنجن سائين کي چوُ
ٿي ته هيءُ فقير موُت جي ملائڪن کي هيءُ سرير ڇڏ
کان اِنڪار ڪري ويٺو آهي ۽ بهشت جي آڇ قبوُ

لڳائي ويا آهن. عين اکر، الف ب جو آهي. غين ۾ اهڙو ئي اکر آهي. نون (ن) نقطو ٻه، انهيءَ شمار آهي. ٻر ڪٿا جا ڪٿي ويٺي آهي سا اِنهيءَ الف ٻي واري پاشا کان ٻاهر جي آهي. عين صورت اصلي عشق جي، تنهن ۾ غين وڌو ولو غير جو. يعني دوئيءَ جو دليل. هاڻ اهو نقطو ميسار، ته نون عين جي عين ٿين. يعني عليل دل غير يعني ويرپاو واري سڌر جي خليل دل خدا جي دوست واري ٿئي. خدا عين عشق جي صورت آهي جنهن بيدل فقير چوي ته "عشق جو جامو" پهري، خدا عرش

تان لهي هيٺ فرش تي آيو آهي. خدا وحدت آهي. فرش تي آيو آهي. فرش تي آيو ته وحدت وڌي ڪثرت ٿي. يعني وحدت ڪثرت ڪل جي کهاڻي آهي. آدم جي اوتان جي ڪٿا سامي ڪٿڻ چاهي ٿو ۽ سرو آهي، "نانا جو نقطو" ۽ مقصد آهي ته واپس ڪثرت وحدت ڪل تي وڃي.

هاڻ نانا اکر جي بناوت مان جي نقطو 'ن' ڪڍي ڇڏبو ته باقي صورت رهندي (ا) الف جي.

يعني اکر الف پڙهي پختو ٿي. الف اکر سان الله لکبو آهي. تنهن سيد عبدالڪريم چيو آهي:-

نانا جو نقطو

پڙهي ٽئي پختو، ڪوگرمڪ اڪر پريم جو
ڪڍي ڇڏي ڪوري ڪري، نانا جو نقطو
ڪري ليکو سڀ سان، چت منجهان چڪتو
سدائين مڪتو، سامي رهي سياءَ ۾.

’نقطو‘ ۽ ’مڪتو‘ ٽنهن جا جوڙ لفظو! نقطو معن ٻڙي. ’نون‘ وارو نقطو آهي. پر مطلب ته، ڪ چٽو ڪونه. هيءَ سامي سنت سڄاڻ جون شاعر روحاني رمز پر وليون آهن. سمجهڻ ڪو سمجهي سود مرمان ڪونه ٿو هٿان. پر اِئين برابر آهي ته ساه ڪيترن ۾ تنقيد نگار هڪ ڳري ٽوپي آهي، ج اديب جا ارمان، سي هنجا گمان. جي هن جي ڪ نه جن سي هنجي من. مطلب ته، ڪلپنا جي چو ڪلپنا، سا ٿي تنقيد جي ڪيڏ بازي. ڪٿي ڪوٽ ڪ وات، پر ڪمال ڪل رچنا جو آهي.

ٻڌهن مضمون ۾ ڏنل پرولي ”نانا جو نقطو“ ڪ ۾ ڪتا آهي. ”نقطي“ جو ناز، نظم ۾ خاص طو گهڻيئي اديب ڪٿي ويا آهن. يعني انجو ان

صوفياڻي رمز چوڻ ته ڪثرت وچي وحدت ۾ واصل ٿي. يعني آلم رام ۽ آدم هڪ ٿي ويا. نون نڪرڻ ڪان پوء جو الف بچي ٿو، تنهنجو اوچار 'آ' آهي سو هڪ آلم جو ته ٻيو آدم جو. هڪ ٻئي جي سامهون (آ آ) بيٺا آهن پر فرق ڪونهي. سامي ۽ جو سلوڪ آهي:-

محبتي مگن، رهن پنهنجي حال ۾
سامي جاڻن ڪون ڪو، سڪ بنا ساڌن
ڪيائون: ويساه سان، پرچي من پون
سڀ انگي سمپن ڏٺو ڏنائون ڏيهه ۾.

هي جن نانا جو نقطو ڪڍي ڇڏيو، تن جا ڳڻ ٿو ورنن ڪري. هڪ ڳڻ ويساه، ٻيو سڪ. انهي ۽ ٻئي جي ٻيلهه هو ڏيهه ۾ ڇا ٿا ڏسن؟ سڀ انگي سمپورن ڏٺو معنيٰ نُور الاهي، جو هر رمز ۽ هر رنگ پري پُورن آهي.. مؤمل واري 'چانڊاڻ'

'نانا' جو ضد 'ها ها' هي ۽ آدم جي ڪهاڻي آهي جا شاه عمر ماروئي جي سر ۾ ڪئي ٿو- عرش مٿي الله سان 'ها ها' ڪري آيو هو ته تون منهنجو مالڪ آهين.

اَلست بر بڪم، جڏهن ڪن پيوم

لون چئہ الله هيڪڙو، ٻولي ٻي م سک،
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک.

جو سيد جو ’من‘ سو سامي ۽ جو ’چت‘ جنهن
چت ۾ ڏيان الف (ا) لي ڏريو، تنهنجو چت ليکي
يعني ڦرن کان مڪت. هيءَ الف جي اومت جو
ڪمال آهي. ناستڪ ۽ آستڪ ٻئي انهيءَ هجي ۾
آهن. نقطو نڪتو نہ آستڪ يعني الف جي اومت
ورتائين. سامي اکر الله جي بدران ’اکر برهم‘ جو تو
ڪم ۾ آڻي معني ساڳي آهي. جنهنجو من برهم سان
پريل آهي تنهن لاءِ غير ڪوئي ڪونهي. هوُ غين
کان ڪم ڪونہ ٿو وٺي پر عين عشق کان. يعني
نقط بن غين ٿو پڙهي جڏهن نقط بن ’نانا‘ ٿو پڙهي
جنهن کي غير نہ آهي تنهن کي وير نہ آهي. جنهن
کي وير نہ آهي سو سچاو ۾ سيتل آهي. هيءَ الف
الفت جو پاٺ آهي، جو سامي سيد جي پيروئيءَ
پڙهائي ٿو.

، نانا ۾ ٻہ نون ۽ ٻہ الف. نقطو نڪتو نہ
الف بچيا. هڪ الله جو ٻيو انسان جو. الف
الف نہ فرق ڏسڻ ڪونہ ٿو اچي. يعني الله ۽ انسان
گڏجي هڪ ٿي ويا هلي. سامي تنهن حالت کي
آتم رام جي جاڻ جو نالو ڏيئي ٿو جو آهي

تنهين ويل ڪيوم وچن ويڙهيچن سان

مارو ئيءَ جو ملير ٿيو أصل وطن جو مارو ئي پاڻ
ٿي چاهيو ۽ چيائين ته ڏينهن أزل جي، منهنجو اقرار
ڪيل آهي ويڙهيچن سان، تنهنڪري مان أنهن جي
هنديس. مارو ئيءَ عمر جي اکڙين جي
ڪوٽ کان منهن موڙي ويئي ۽ ڪيت سين ڪي ٿي
يان ۾ رکيائين. تنهن برابر سامي چوي ٿو:-

جاڻي جاڻ ڪڏي، ڪري هڪ خاوند جو خيال
سدائين نهال، رهي پنهنجي حال ۾.

ماروئي هڪ خاوند جي خيال ۾ ٿي مگن رهي.
ي ڳالهه ٿي نه پيئي پڌي. شاهه جي "تنهين ويل
ڪيوم" جي برابر سامي‌ءَ جا أکر آهن "ڪرل ڪن
دوم" يعني آواز ڪن پيوم. ڪهڙو؟ أزل جي
يهن وار و إقرار - "قالوُ آبلي."

ماروئيءَ جيتيو. عمر هارايو ۽ أمانت ورڏي
اپس ورائي. تڏهن ماروئيءَ کي شاباس ڏيندي
وي ٿو:-

رهين پولي پاءُ ته سهجي ملين سپرين.

"جاڻي جاڻ ڪڏي" چڱڻ آهي "پولي پاءُ"

'قالو اَبالِي' قلب سين، ٽڏهن لکي ٿيو ٿو.

"ڇا مان ٺوهان جو مالڪ نه آهيان" ٽڏهن مون
قلب سان، دل سان، 'ها ها' ڪئي هئي. پر زمين تي
اچي 'نانا' جي ٻولي ۾ ڦٽجي ويس. جنهن باري ۾
سامي چوي ٿو:-

حرص هلاڪ ڪيا، ٻيڪ گرهستي لوڪ سڀ
ڀلي سار سروپ ڪان، سنسي منجهه ڀيا.

'حرص' به ماڻهو سمجهي سگهي ٿو، انسان جي
ڪمزوري آهي. پر سنسو ته اوديا جو اوگڻ آهي
يعني ڏنو ڏوهه آهي. هن باري ۾ سامي چوي ٿو:-

اَڪثرين جو اَستان، جڳت چوي جاڳرتا

يعني هيءُ سنسار، جو اَکين سان ڏسون ٿا، سو
اَسار آهي پر اَسين ڇئون ٿا ته نه، هيءُ سنسار جاڳر
معنيٰ سار آهي. ٽڏهن هوُ ڏيهه، جت اَسين اِقرار ڪري
آياسين، سو ڪوُڙ ٿا سمجهون. ٽڏهن ته ويساهه گهاتي
ٿياسين!

پر ماروئي اَچا، اَصل رنگ رنگيل هئي، ٽنهن
عمر جو ڪوٽ معنيٰ هيءُ سنسار ڏسي ۽ حرص
هواسن جي، ساري سامگري ڏسي ٿيو:-

پر عمر جو ڇا ٿيو؟ شاھ صاحب تنھن جي ڀچار نہ
ڪئي آھي. پر ساميءَ آدم جي کاڌي ”دانا جو
ٽار“ جي حوالي توڙ لاڳين ڪئي آھي. يعني عمر
ي حال جو بہ احوال ڏنو اٿس.

عمر ماروئيءَ جي قصي ۾، عمر عزازيــل سمجھيو
يندو آھي. جڏھن محبوب جو فرمان نہ مڃي ڪري،
ندانِي دوزخ جي سزا ڀڏائي ويٺي ھئي، تڏھن ھن
ڻوتي ڏني ھئي خدا کي تہ مان تنھنجي بندي کي
ب ايمان ڪندس. يعني اِقرار کان گمراھ ڪندس.
ؤ منھنجيءَ سيج سمھندو ۽ نہ ڪ تنھنجيءَ. تہ آدم
حوا جي جيڪا کاڌي آھي تہ ھنن عدم جي باغ
علم جي وڻ جو ميوو کاڌو ۽ اِقرار کي قــرار ڏيڻ
ن منھن موڙي ويا، جا بہ اوديا آھي، سا حرڪت
ازيل جي ھئي. سامي تيڏانھن اِشارو ڪري چوي
ـــو:-

سمجھي پت سامي چئي، تون اوديا جو انگور
ثــابت رکــج مور، مستان شاھ پڇني ليکــڙو.

اروئـيءَ مـور ثــابت رکيو ۽ شہ ڏيئي شيطان کــي
يس وطن وري.

پر کيت سين کــي ڪا بــي سمجھي. ھن رام سيتا

رهڻ. ۽ ڏاڍيءَ ڳوڙهيءَ رمز سامي چوي ٿو ته
ٻه اوديا آهي. يعني سنسار جي ڄاڻ رکڻ ٻـ
وديا آهي. سا ڄاڻ نه رکڻ الهيءَ حساب اود
ٿي. پر جو انهيءَ حالت رهيٿو تنهن کي جاهل ڪ
چئبو آهي پر ابوجهه جو گڻ آهي ۽ تنهنڪري اهـ
سان صاحب راضي رهندو آهي. سامي چوي ٿو

عجب اسرار، آهي شاهه عجيب جو
اوديا تي عاشق ٿيو سامي سنڌ جو ٻار

تنهن ڀڳوان روپ ڪيمت سين مارئيءَ روپ ٻند
تي راضي ٿيو. ”سنڌ جو ٻار“ معنيٰ ڀڳوا
رمز ۾ رمز! ڀڳوان نه جٿي نه جاپي
پوءِ ٻه چئون نه آهي، نه ٿيو ڪ
ڳالهائڻو. پر ويساهه جو سوال آهي، تنهنڪري ر
آهي. پر ڪوڙ به ڪنهن حد تائين روا آهي. ڀڳو
جي هستي ۽ وجود مڃي سنڌس ڪا ماڻ مقرر ڪري
سو ٿيو حد ٻڌي وڃڻ. پر ڪجهه ته چوڻو آهي. تنه
مزاڪ ئي مزاڪ ۾ ساميءَ چيو ”سنڌ جو ٻار“ يع
عورت جا، جڏهن ئي ڪانه. ساميءَ جيڪڏهن
ڪٿا سٽ سنگ ۾ ڪٿي هوندي ته سٽ سنگين
واهه جو ٺهڪڻو اچي پيو هوندو.

آواز ٿي، جا ’ها ها‘ جي هونگار هڻي. ٻڌهن ٻي مصرع ۾ سامي چوي ٿو:-

وڻنا جي ويساه سان، سي نر ٿيا نرمل.

۽ اڄ عزازيل به نرمل نر جي شمار اچي ويو. هيءَ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي اُڌام آهي. جنهن جي ياد ساميءَ ”نانا جو نقطو“ جي نظاري ٽازي ڪرائي آهي:

وارو قصو ٽي ڪيو. مارئيءَ جي پرک، تي ورائي
ته پورو آهي يا نه، سو لوهه جي ٽنل شيخ کي هـ
لڳائڻو هوس. سا خبر عمر کي پيئي، سو جهٽ مل
ٻ وڙيو ته مارئيءَ جي پک ۾ شاهدي ڏيان ته ه
پورو آهي، هيءَ اصلي سنڌي ڪهاڻي آهي. ۽
روحاني راز ٽي سلي ته الله ڏايو آهي. جو عزازيل
بندي کي بدنام ڪرڻ لاءِ اُتارو هو، سو اَڄ اُنج
بچاءَ ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. پر ڪيئن نه مڃي
تنهن کي پنهنجو مطلب هو. عزازيل بندي تي عاشق ٿ
پيو سو جئن مارئي همٿ وڌائي شيخ ٽنل ٿ
جهلي ته اُمنگ وچان عمر به همٿ وڌايو. ضرور
ڪنهن کي ڪانه رسي. تڏهن ڪيئن سڄڻ پنهي ڪ
ڪٺي پاڪر ۾ ڪيو ۽ ٻئي پرچي وينا ٻاڻ ۾. سامي
چوي ٿو:-

سدائين سيتل، ڇايا ٻوڌ برڇ جي.

هيءَ اهوئي عدم جي باغ جو ٻوڌ برڇ يعني
علم جو وڻ آهي جت شيطان جيت پاتي هئي
پر اَڄ عشق جي چوٽ 'نانا جو نقطو' پاڄي ويو ۽ س
ٿيو سر ۾ سوجهرو' سا ٿي ٻوڌ برڇ جي سيتل ڇايا
نانا جو نقطو پاڄي وڃڻ ٿيو وساهه رکڻ اَزل جـ

منجھان ڪثرت ڪل ۽ وحدت ۾ واصل يعني هڪ الف مان ٻہ الف ۽ ورائي ٻن مان هڪ ٿي وڃڻ. ڇڏجي ڪٿي تہ جتان شروع ڪئي سين اُتي ئي پوري ڪئي سين. جڏهن شاه چوي تہ جهڙا آياسين تهڙائي واپس وريا سين.

هن ڳالهہ جي راز ۽ رمز سامي چوي ٿو:-

فارسي ۽ هندي ڳالهہ چون ٿا هڪ
سمجهي ڪو سامي چوي، ٻيائي ٻنا ٻندي
چڙهي انيؤ اُچ ٿي، وٺي راه رندي
پائي گيان گندي، سمجهين سڪپت سيج ٿي.

سامي چوي ٿو مان ويد وادي آهيان. ويدن جي واٽي مون سنڌيءَ ۾ سٽائي آهي. سا ڇٽڪ ٿي هندي گيان گندي ۽ جڏهن ڪ 'هہ' اکر جو بنياد آهي 'س' تہ هندي گيان گندي ٿوري ٿي سنڌي گيان گندي جنهن سنڌوءَ ڪناري ويدن جي گيان گندي وچائي ويئي هئي. پر سامي چوي ٿو تہ جيڪي مان چوان ٿو تنهنجي تصديق فارسيءَ وارا بہ ڪن ٿا، جنهن ڪي هوُ راه رنديءَ جي اشاري سمجهائين ٿا. يعني انين سمجهہ تہ تصوف ۽ ويدانت مت وچ ڪوئي فرق ڪونهي. ٻيائيءَ جي ٻندي معنيٰ عين صورت جي مثال نقطو جا ٿي غيرت جي. اهو نقطو ميسار تہ عين عشق ماڻين. اهو نقطو ڪڏهن ميسار جي وڃي، تنهن

تصديق

فارسي ۽ هندي، ڳالهه چون ٿا هڪ

ڳالهه ڇا جي باري ۾ آهي؟ زندگيءَ جو سفر. هيءُ ڪهاڻيءَ جو سمجهه نه سرو آهي. ڪهاڻيءَ ڪي شروعات ٿيندي آهي ۽ پڇاڙي به ۽ خود ڪهاڻي، هڪ قسم جو هنگامو هل آهي. لاڏهن ڪري هنگامو هل ۽ ڇڏي هنگامو هل جهڙڪ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ پڇاڙي ٿي. هيءَ سچل سرمست ۽ سالڪ سنت ساميءَ جا ٻول آهن.

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل
اَلف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل
هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نه ڪنهن ٻل
ٿيج گلابي گل، مر ماريني منصور جان.

هڪ الف (ا) الله واحد جو جنهن مان الف مد آ، آدم ڪثرت ٿيو. هن مقابلي ساميءَ جو سلوڪ آهي:-

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل
چڙهي نُور محل ۾، ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

ير هين صديءَ کان وٺي ڪجهه خلاصي طرح پوڻ
روع ٿي.

عاشق جا ٽوپا آهن ڪي مانا ڪي سانا معنيٰ
مت وارا، واجت وجائڻ وارا. شاه عاشق هو، پر
انو هو. درياه جي تصوير ٿو ڪينچي ته ڪناري
ينو هوس، ڪنهن اچي پنيان ڌڪو ڏنو. ڌو وڇي
رياه ۾ پيس. پنيان نهاريان ته هڪ درويش بيٺو
آهي. پر جا حرڪت ڪيائين، تنهن لاءِ آرمان ته
هوس ڪونه. هٿئون مشڪ هٿس منهن تي. پر ڏاڍي
ڪشش واري مشڪ هٿي. مون ذرا گهور ڪري
نهاريو مانس. ته ڪجهه گيان ڪٿينديَ چيائين "ته
تري پار پئه پر 'پلاند' به نه 'پساء'. سامي هن درياه
ڪي يوَ ساگر چوي ٿوءِ عثمان مرونديِ، جو راه
نديءَ جو شائق هو، سو چوي ٿو:-

چو آبش جمله خون ديدم بترسيدم ازين دريا.

چوي ٿو درياه تي پهتس. ڇا ڏٺم ته سڄو سارو
ب معنيٰ پاڻي خون تر هو. ڇو؟

هزاران جان مشتاقان در اين دريا نگونسار است.

هيءُ عشق جو درياه هو. هزارن ۾ عاشقن پنهنجي
وق وچان هت جان گنوائي. عشق راند نه آهي

طريقت کو مٽ پيد ڪو نهي.

هن ڳالهه سمجهڻ لاءِ مان ڪا گيان ڪٿا هٿ ڪو نه ڪٿيندس. پر ٻن شاعرن جي خيالات جي پيٽ ضرور ڪندس ۽ سي آهن هڪ سامي سالڪ ۽ ٻيو رند فقير حضرت عثمان مروندي، جنهن کي لال شهباز سيوهڻ وارو، سخي شهباز قلندر ڇڱي کجهه روحاني رمز روح رهاڻ ڪندا آهيون. حضرت عثمان مروندي سنڌ ۾ ڪڏهن آيو تنهن جي پوري خاطري نٿي ٿي سگهي. پر حق سان وڃي هڪ ٿيو، جنهن کي سامي چوي لڌو لين ٿيو، سو سنه ١٢٧٤ع ڌيو ٿو وڃي. هيءَ صدي آهي جڏهن اجمير شريف هندستان ۾ خواجه غريب نواز حضرت معين الدين چشتي پڻ آيو هو. سنڌ ۽ هند جي روحاني جهد ۽ جفا جي ڪشمڪش ۾ هنن ٻن هستين جي ڏاڍ جميل آهي. پيٽ ڪانهي. روحاني حوالي ٻئي پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پر عثمان حضرت، گبر شاعر هو ۽ سندس خيالات جي بلنديءَ جي ڪا حد ڪانه هئي. هوُ قلندر هو ۽ راه رنديءَ جو پانڌ پيٽرو هو. ٻئي فارسي خاندان جا چمڪندڙ ستارا هئا. ساميءَ جو شبد ”فارسي“ ڇنڇي ڪڍي نه هنن درويشن جي خيالات ۽ حرفات جي لهر، جا هند سنڌ ۾ لڳي، تنهن حوالي نهڪي ٿو بيهي. يعني نه فارسي، مطلب صوفياني، خيالات جي جاڻ پڇاڻ

كاي بازار، مان نچان ٿو پيو، پوءِ جئن هر پڳت جو
هر جڳهه ۾ اهوئي احساس آهي ته جنهن درد جي
دوا لاءِ آزي نيزاري پئي ڪيم سو اچا پيو سهان.
لئن قلندر شهباز به ٿو چوي :—

بيا اي يار من اکنون

هاڻ ته پلا اچ يار! سچو شعر هن ياڦ پريل هن رمز
آهي :-

بيا اي مطرب مجلس سماع وذوق را دردہ
کہ من از شاديءِ وصلش قلندر وار ميرقصم
منم عثمان مروندي کہ يار خواجہ منصورم
ملامت ميکند خلقي ومن بردار ميرقصم

خداوند تعاليٰ جو ڏيان ڇڪائيندي ٿو چوي ته
اي يا خدا! ته ٿون مجلس جو مير ساز باز واڄا وڄائيندڙ
آهين ۽ تنهن مجلس سماع جو زور ذوق لڳو پيو آهي.
مان عثمان مروندي منصور جو يار آهيان ۽ وصل
جي وات نهاري رهيو آهيان. نچان ٿو پيو ۽ خلق جي
ملامت جو موچڙو به سهان پيو.

ويد وادي سامي صوفين سان صف پڌيو بيٺو
هي. چوي ٿو:-

ي لوکي خواهش خريد جي، ته سٽ سر جو سؤدو.

جڏهن شاهه چوي ٿو، شهباز به اهائي ڳالهه ڳالهاري ٿو ته :-

ڪه عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلات.

ته عشق پهرين شروع ۾ آسان ڏسڻ ۾ ايندو هجي پر آخر ۾ اڳتي هلي هيءَ ڪٺن ڇانيل راهه آهي. تڏهن سامي چوي ٿو:-

پير پرجهي پاءِ، محبت جي ميدان ۾

ڇو جو اُت :-

ڪنا پيا ٿئي ڪيترا جاني لڳي، تنهن جاءِ.

مشڪلاتن جي سلسلي سامي چوي ٿو:-

آهي مهانگو سامي سؤدو سڪ سندو.

انهيءَ سؤدي جو پهريون واڪ آهي :-

پوئي پاءِ ڳچيءَ ۾، گلا جو گهانگو.

جڏهن شهباز قلندر به چوي ٿو :-

شدم بدنام در عشقت.

صفا سنڌيءَ ۾ جنهجي :-

عشق ۾ منهنجو مٿو ٿيو اُگهاڙ،

جو برابر آهي شهباز جي ڪلام ته :-

نمي ترسم ز رسوائي بهر بازار مي رقصم.

ميلو ۽ واهه ڪانهي. هيءَ عشق جي راهه رندي
هي، جنهن جي جاڻ سامي به رکي ٿو. تڏهن
وي ٿو:-

ڏسي ڏهڪين ڪين ڪي، اُڀي وڪ، وڌاءِ
جيڪندي پاڻ جلاءِ، تہ پسڻ ٿئيئي پر جو.

شاهه ڪان وڌ سچل سرمست جي فهم خدائيءَ جو
ميان، شهباز جي شعر ۾ آهي. درياهه تي جڏهن نہ
ڪشتي نہ ملاح ڏنائين ۽ جڏهن سڌ اونائي محسوس
ڪيائين تہ جان ڏيڻ ڪان سواءِ پار پهچي ڪونہ سگهيو
ڏهن قلندر چوي ٿو:-

شريعت ڪشتي باشد طريقت بادبان او.
حقيقت لنگري باشد کہ راهه فقر دشوار است،

تہ ڇا شريعت ٻيڙيءَ جو ڪم ڏيندي ۽ طريقت
د بان يعني سڙهه آهي، ٻيڙيءَ جو، جا ڪناري اچي لنگر
ٽڪندي ۽ تون چوندين تہ مون کي حقيقت جي جاڻ
اصل ٿي، سا سڀ بڪواس آهي. شاهه شريعت کي
ڪجهہ شرف ڏئي ٿو جو روزا رکڻ ۽ نماز پڙهڻ، هن
ءِ چڱي ڪم جي قطار، شمار آهن. پر پرکي پائڻ لاءِ
ڪو ٻئي انداز آهي. تنهن لاءِ سچل صفا شبدن
چيو آهي تہ شريعت جا نيم سڀ ٽوڙ، ڇو جو عشق
ي اُڏام ڪائي ڏور بدل ڪانهي. هيءَ قلندري
ڪلام آهي. اهڙي ڏک ساميءَ چيو آهي:-

چيو اُٿائين ته عشق جو سودو مهانگو آهي. اُگهه
جو انگ، تنهن ۾ رڳو گهٽ گيت نه آهي پر سر جي
ست به، جنهن ڪارڻ شهباز چيو آهي ته سارو دريا
عشق جو خون تر ٿيو پيو هو. جڏهن هيءُ سهٽيءَ وار
"دهشت دم درياه" آهي جت سير چڙهي، پلا نه
پسڻ ڪان به بچائڻو آهي ۽ مشاهدو به ماڻڻو آهي
شهباز، انهيءَ درياه جي ڪناري بيهي، هڪ بي
نظارو پڻ چٽيو آهي. چوي ٿو:-

رسيدم من بدريائي که موجش آدمي خوار است
نه کشتي اندر آن درياه نه ملاحي- عجب کار است

عجب اسرار آهي هيءُ درياه، جت نه ٻيڙي نه
ٻيڙيءَ وارو آهي ۽ هن پار وڃڻو به ضرور آهي. قلندر
جڏهن منجهيو بيٺو آهي ته آواز ٿو اچيس ته:-

ندا از حق چنين آمد: مگر ترسي رجان خود؟

هيءَ "ندا" ساميءَ جو 'ڪرل' آهي جو 'ڪن
پيو. سا سنڌي ٿي، جو ويدانتي پاشا ۾ اُنهد جـ
آواز سڏجي ٿو. ته ڇا خون تر درياه ڏسي جان وڃائڻ
جو خوف لڳو اٿئي؟ تڏهن شاه جي سڏ تـو قلند
چوي پاڻ کي ته:-

بدل گفتم چرا ترسي گذر بايد که نه چار است

ته عاشق جو لنگهه اِهو آهي. ٻيو ڪو چارو يعني

تہ ٻہ سؤ سال، هن راه رندي ٿي هليس تڏهن
ٿيءُ لامڪان درجو حاصل ڪيم. هيءُ ويدانتي مت
امي‌ءَ جي پورن ٻن ۽ پورب جنم جي ڪٿا آهي، جا
رسي خاندان قلندر ٻہ ڪٿي آهي. تہ باقي پيد
ا جو؟

لنگهي ٻيو لانگهو، ته مطلب ٽيئي من جو.

مهانگو - گهانگهو - لانگهو. هيءَ عشق جي مندا
ٻ بازي لڳائڻ لاءِ ساميءَ جا ٻول آهن. جي ائين ته
سڪ جا ساڌن ڄاڻايا ته سڄڻ به تنهنجي سار لهندا
جڏهن شاه چوي ته "راجا ۽ راڳائي" ٻئي هڪ ٿيا
سامي چوي ته جڏهن ائين ٿو سمجهي هاڻي ته ٿو
اَنيڪ اَڇ چڙهي سپڪت سيج سمهنديون.

ساميءَ جي 'اَنيڪ اَڇ' جو بنياد به قلندر جو شع
آهي ته:-

شهباز لامڪانم من درمکان نه گنجم
عنقاي بي نشانم من درنشان نه گنجم

مان لامڪان ۽ لانشان آهيان، هيءَ خدا تعاليٰ جاڳ
آهن، ۽ سي منهنجا ٻ آهن. ڪوئي ڀيد ڪونهي
الڳ، ٿي نٿا سگهن. جنهن لاءِ تشبيه ر
سامي چوي:-

ڀڳت منجهه ڀڳونت، جيئن ڳنڌ ڦلن ۾.

پر هيءَ فقيري پد ڪڏهن پاتم؟ قلندر شهبا
چوي ٿو:-

دوصد جامه کهن کردم لباس فقر پوشيدم.

گهٻرائجي ويو ۽ پنهنجن تي هٿ کڻي ڪٺان؟ تڏهن ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي پرٻوڌ ڏنو. ۽ اَنڌيري مان اُجالي ۾ آڻڻ جي واٽ ڏسي جو آهي آتم گيان - پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جي رمز، جا گيتا ۾ گيات ڪرائي ويئي آهي.

تون ٺيڪيدار نه آهين. جنم سان گڏ تون جيون نقشو ڇنائي مرڻ پٽو لکائي آيو آهين. ڪڏن مرنديون، ڪڏهن مرنديون تنهن کان تون اڻڄاڻ آهين. پر مرنديون ضرور، تنهن ڄاڻ کان اڻڄاڻ نه آهين. اَمر پٽو ڪوئي ڪونه لکائي آيو آهي.

ته باقي تون ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ دلالي ڪرڻ. تون دلال جي درجي تي مقرر ٿيل آهين. تون ڪرمچاري آهين. ڪرم ڌرم آهي. جنم ڪرم آهي، مرڻ ڪرم آهي. جنم مرڻ ٻه بنديون آهن. تنهن وچ جو فاصلو آهي، تنهن کي زندگي چئون ٿا، ته زندگي به ڪرم جي سڀاءُ ڪاڻي آهي. يعني زندگيءَ ۾ جڏن موقعو اَچي، تون اُن کي سلام ڪر، موقعو پيدا ڪرڻ سا تنهنجي ٺيڪيداري نه آهي. سو ٻنهي ٻنديو ڪاريو ڪرم آهي. اُنجي اُبتڙ هاٿ ڪرڻ آهي اَڳرن جي دلالي ڪرڻ. هٿ ڪارا ٿيندا. خاندان تي ٽڪو لڳندو پر جي ڪرمچاريءَ جي ڀاءُ ڪرم

آتم گيان

بنا آتم گيان مت نه مٽي من جي
ڀوڙي سڀ ساڌن ڪري پڙهي ويد پراڻ.
سامي ڇوي سنسار کي ڇاڻي سڀ سمان

گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي ٻه ائين چيو.

آتم گيان آهي آتم جو آتم کي پروڙڻ، ڏني ۽ اَڻ ڏني جي رشتيداري جو حساب آهي. ڏني معنيٰ هت ۽ اَڻ ڏني معنيٰ هت جي کهاٽي. هت باغي عدم هت ڪرڪيتر لڙائي جو ميدان پنهنجي لڙائي پاڻ سان باقي سڀ بيان.

گيتا - ڀڳوان - اَرجن، هي ڪرڪيتر جنگ جي ميدان جو چتر آهي. رٿ ۾ اَرجن براجمان آهي. ڪرشڻ ڀڳوان پانڊو ڪل جي سوُر وير جي سواري رٿ، هڪالي اَچي وچ ميدان ۾ بيٺو آهي. ٻنهي پاسي هڪ ٻئي کان سرس جوڌا جوان حماي ڪرڻ خاط سيٺو تاڻي کڙا آهن. تڏهن اَرجن لڙڻ کان اِنڪا ڪري ٿو. ڪاتر نه هو. همت هاري ڪونه وي هو. پر موهه وس ٿي پنهنجا مٽ مائٽ ڏسي

سا کھڙي ڏاھپ آھي، جو فخر باعث بڻجي. مان ڪريان ٿو. اھو ايمان جو احساس آھي. در حقيقت ۾ تون ڪرين ڪونه ٿو. نه، پوءِ ڇھيو نه، تون اوديا جي ايمان جو شڪار ٿي پيو ٿو گھمين. يعني سچ جي سيت ۽ سگھڻي نيڱڙ، سو ٿيو پاڻ کي نگھڻ.

گيتا جي اڌياءَ ٻئي جي سلوڪ ١٩ ۽ ٢٨ جي آڌار سامي ھيءُ اوديا جي ايمان جو آتم گيان ڪٿيو آھي. ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي اھو گيان ڏنو ته انسان مرڻي وستو آھي، پر تنھن ۾ جا شڪتي وسي ٿي، سا امر آھي. پوءِ تڏھن تون کھڙي باغ جي موري آھين جو ھام ٿو ھڻين ته مون ماريو يا ڪ ھوُ مري ويو. ڪرشڻ ارجن کي ائين ويٺو پرٻوڌ ڏئي جڻ ڪنھن ٻار کي الف ٻي ڪري ھجي ڪرائبي آھي. چويس ٿو ته جي فاني سرير ۾ امر سوکيم سرير جي ٻجھارت توکي نه سمجھڻ ۾ اچي ته ھيءَ ڳالھ سمجھه ته ھيءُ منش جو ڏسجي ٿو ته مري ويو - ڇھه ڪٽي نه تنھنجي تلوار جو شڪار ٿيو - سو به در حقيقت ۾ ائين ڪونه ٿيو. تنھنجي تلوار نه مٿو ڌڪ گسائي ويو. پوءِ به مٿو، نه پوءِ تو کھڙو نيڪو ڪنيو آھي ڪنھن جي به مرڻ يا نه مرڻ جو. ھيءُ گم شم جو جادوُ آھي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڳي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. مري ويو. نه ڏسڻ ۾

ڪندو رهندين ۽ چٽڪ هيرن جواهرن جو واپار پيو ڪندين. اهڙي وڻجاري جي اک، ٻه آڪري ۽ هٿ ٻه صاف. گهاٽي واڌي هڻو نشچت. هڪ لاءِ، سامي چوي ٿو ته ڏوڙ ٿو منهن ۾ پائي ۽ ٻئي لاءِ ته هوُ ڦرني کان فارغ ڏهه ڏس ڦري ٿو.

ته ڇا مائٽن جي برخلاف، جنهن ۾ گرديو ٻه اڇي ويا، جنگ جوڻ اگرن جي دلالي نه آهي؟ نه، هن حالت ۾ نه. ڇو جو ڪرم، ڪرم ڌرم آهي. ڌرم فرض آهي. ارجن ڪتري ڪل جو آهي. جنگ جوڻ سندس ڌرم آهي. تنهن کان منهن موڙڻ پاڻ تي اڌرم جو ٽڪو لڳائڻ آهي. ڀوءِ ڇو نه ڪٽي ٿون سپٽيو وئش واپاري ٻڻجي وهين ته ٻه ٽوڪي ڪپٽيو انسان قرار ڏنو ويندو. جنگ جو ميدان ڇڏي وئين، جت فرض جي ٻجاوريءَ ٽوڪي پڪاريو پئي ۽ هٿ واٽيو ٻڻجي ويهي رهين ته ٽو نه تلوار نه ٽارازوءَ جي مريادا جو پالن ڪيو. هيءَ گيتا وارتا جا ساميءَ وارئي هن ٽل ڇئي آهي :-

سمجهي ڏس سامي چوي، اهو آتم گيان
نه اوديا جو ايمان، مٽي وڃي ٿي من مون.

ڏايا ڏڻگا ۽ ڏکيا اکر آهن. اوديا ۽ تنهنجو ايمان!

چوندا آهيون. پر هيءُ ڪرمچاري نشڪام ٿي ڪرم ڪندو آهي. مطلب ته لاڀ الاڀ جي ضدن کان دور آهي. جوڌول ۾ چڙهي ڪو ڪنهن دور ديس، هٽ هٽ جي حساب ڪرڻ ويندو. پر اڌول رهندو. شانت من ٿي ڪرم ڪندو اچي ٿو، پر نتيجو ڇا نڪرندو، تنهن جو خفت هو ڪونه ٿو ڀائي.

سامي نه ڪام ڪندڙ کي ڪڙمي چوي ٿو ۽ ڪامنائن کي ڪلپت ڪانو پڻ ۽ هيءُ جو سرير ۾ن جو پوش آهي، تنهن کي کيت چوي ٿو. پوءِ ڪڙمي سو سياڻو، جو پهرين کيت کي صاف ڪري پوءِ هر هلائيندو آهي تئن نه ڪرمي ڪامنائن کان من ماري صاف ڪري پوءِ ڪرم ڪندو آهي. جئن خودغرضيءَ کان ڪو بيڙو ڪم نه ڪري وهي. هن حساب ساميءَ جو سلوڪ آهي:-

جيئن پوک ڀائي ڪڙمي، ڪيڏي انيءَ ان
ڪلپت ڪانو پڻ، سٺي وجهي سامي چوي.

گيتا جي اڌياءَ ١٣ جي سلوڪن ٢، ٦ ۽ ٧ ۾ کيت ۽ کيت جي ڄاڻونءَ جي باري ۾ گيان ڪٿيل آهي، ته هيءُ پوک، ۽ ڪڙميءَ واري ساميءَ جي سلوڪ جو اشارو انهيءَ اڌياءَ ڏانهن آهي. منهنجو سرير منهنجو کيت آهي. ڪڙمي مان آهيان. يعني

ٿو اُچي . وري وقت پئي ڏسڻ ۾ ايندو . اسير
چئون ٿا ته جائو آهي . نه، ڏسڻ ۾ اچيٿو، ج
حقيقت آهي . اسان ڏسڻ جو ڏانءُ نه سکيا آهيون
لنهنڪري سوليءَ وانگر واٽيءَ چئون ٿا ته "مري
ويو، جائو آهي ." هيءُ چڪر آهي . تون لنهن کي
روڪي نٿو سگهين . ته پوءِ ڪئن ٿو چئين ته مان
جنگ نه جوٽيندس، جو هي ناس ٿي ويندا . تڏهن
توکي چوان ٿو ته تون فڪر نه ڪر .

هيءُ اُڌياءِ پئي ۾ جاٽايل سنکيا يوگ يعني اُلپتيءَ
جي ڪريا چوندا آهن . هن فيلسوفيءَ جو آڌار آهي
بٽي بٽائي اُگيئي بٽي پئي آهي . جو جائو آهي سـ
مرندو . جو مئو آهي سو وري ڄمندو . پوءِ شوڪ ڇ
جو؟ اِهو سنسو آهي . يعني شوڪ ڪرڻ سنسو آهي
سنسو هن حساب ته جو اَست آهي سو ست سمجهي
تون شوڪ ڪرين ٿو ۽ خوشي به منائين ٿو . گياني
اِنهيءَ ڦندي کان آزاد آهي . نه ته هوُ ڪرم نٿ
ڪري، پر هوُ نهه ڪرمي آهي جو گيان اُڌياءِ ٽئين
۾ ڪٿيل آهي، جنهن اُڌياءِ جي سلوڪ ١٩ جي آڌا
ساميءَ جو هيءُ سلوڪ آهي :-

ورلو ڪو هرجن، ڪرم ڪري نهه ڪام ٿي
چڙهي وينو ڇوڏول پر، ميٺي سب منن .
نهه ڪرمي، اُڪرمي نه آهي . جنهن صد اُسين ڪرمي

جهڙي جي پاونا رکي ٿو ڪري ته هو نرڪ سرڳ جي
ڪشٽن ۽ خيالن کان آزاد آهي. ڪرم ڪرڻو آهي سو
ڪرڻوئي پوندو. باقي جو حساب ڪتاب هوءُ ٿو رکي.
ڀڳوتي ۽ گيان گيتا جي اڌياءِ ٻئي جي سلوڪ ۴۳ ۽ ۴۷
جي آڌار ڪتيل آهي.

"پاونا" شبد جي گڻ اوگڻ جو وستار ڪندي
چوي ٿو:-

پاونا پوائي، چوراسي لک جوڻ ۾
دک، سک نرڳ، سرڳ جا، پاونا پوڳائي
جپ تپ ساڌن سـاڌ سنگ، پاونا ڪرائي
پاونا ئي ملائي، سامي سار سروپ سان.

'پاونا' پلائي! 'پاونا' سلجهائي! هيءُ وائي
ڪهڙو؟ چيائين اها "ٻڌي" آهي. ٻڌي ۽ هٿ
۽ 'ٻڌي' سهت ڪرم جو هيءُ ڀيد اڀيد آهي، فرق
آهي. 'ٻڌي' ۽ هٿ ڪرم ايمان جي زور بار ٿـو
ڪجي جو چوراسي لک جوڻيون پوڳائي ٿـو ۽ جت
ٻڌيءَ ٻل ڪرم ڪجي ٿو ته اُت آتم گيان جي پراپتي
ٿئي ٿي. هيءُ اڌياءِ ٻئي جي سلوڪ ۴۸ ۽ ۵۰ جو
سار آهي.

هن سمجهاڻيءَ ساميءَ جا ٻه سلوڪ آهن. ٻڌيءَ
هٿ ديهه ايمانيءَ جو احوال ڪندي چوي ٿو:-

هر مان ٿو هلايان، ڀوڳ، مان لڳندس جو ٻيج مون
ڇڏيو آهي. ڀوڳ، جي لٽڪ کي سامي چوي ٿو
"ڪڏي اُنيءَ اَن" اُنيءَ معنيٰ آزمودو. هاڻ ڪيت
ڏنهنجو، ڪرمي ٿون آهين، ته ڀوء ڪيت ۽ ڪيت جي
جاڻون ٿون آهين. وقت هو جو ڪيت ٿوکي ڏسڻ آ
ٿي پر ڪيت جو جاڻون نه. هاڻ اهو سوال ڪونهي
ڏنهنجي اُڪين ٿي اُلٽي سلٽي مين جي مرادن ج
پردو چڙهيل هو، جو هٽي ويو آهي، جڏهن پردو هٽي
جو اُوديا جو اُيمان هو ته ڀوء "سار سروپ" سا
ملاقات ٿي ۽ پرنڪ پورن آتما جو درشن حاصل ٿيو
جو آهي آتم گيان يعني خود جي باري ۾ پورن س
گيان- اُهڙي گياني جاڻون ۽ کي سامي ۽ نالو ڏنو آهي
"پريمي پاڪ" جنهن باري ۾ اُڏ ياءَ ٻئي ۾ ڪافي
ڪٿا ڪئيل آهي.

'پريمي پاڪ جي باري ۾ سامي چوي ٿو:-
ٻجي ٻيج ڪري، پوڳن پوڳ، سرڳ، جا
پاپي پائن گهور نرڪ، رئن رت پري
سامي رهن سب کان، پريمي پاڪ پري
ڏسن ڏيان ڏري، پرنڪ پورن آتما-

سامي هن پرنگ نهه ڪرمي ۽ جي واکيان ڪند
ٿو هاي. هو ڪرم ڪري ٿو، پر چاڪاڻ ته ڪ

هيءُ اِنعام نه، ڪرميءَ ڪٿيو جو چڪر کان ڇٽل
رهي ٿو، جو هن کي ڪرم جو ليپ ڪونه ٿو لڳي
تنهن ڪري اليپ آهي. هيءُ گيتا جي اَڌياءَ ٻئي
جي سلوڪ ٥١ جي حساب گيان ساميءَ ڪٿيو آهي.

”ڇڙهي ويٺو چوڏول ۾“ تنهن چوڏول يعني من
اَڏول جي تصوير به ساميءَ کينچي آهي. انهيءَ ساڳيءَ
من مراد سامي ”سڪيپت سيج“ شبد ٻه ڪم ۾ آڻيندو
آهي. چوڏول هجي يا سيج، پاوا چار ضرور آهن.
تن چئن پاون جو ورنن ساميءَ ڪيو آهي. اِنسان کي
پکيءَ جي صورت ڏني ٿو. پکيءَ پر ٻه. هڪ عشق
جوءِ ٻيو عقل جو. ٻنهي جو ورنن ساڳيو رکيو آهي،
نه ته اُڏام نه رڳو اَڻپوري ٿيندي پر سا خطري کان
خالي به نه رهندي. چوي ٿو:-

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا
اُنيءَ جي آڪاس ۾، گرگم پهچائين
درسن سار سروُپ جو، لنؤ سان لڳائين
ممتا مٽائين، سامي سڀ اندر جي.

’عقل‘ سادو اکر آهي. ’ٻڌي‘ گيان ساز اکر آهي
جنهن گڻ لي گيتا ۾ زور ڏنو ويو آهي. شايد سادي
سودي سنڌي ٻولي ڪم آڻڻ جي من مراد ساميءَ
ٻڌيءَ جي عيوض عقل اکر ڪم ۾ آندو آهي. پر عشق
لفظ گيتا ۾ ڪونهي. نه پوءِ ساميءَ هيءُ جوڙ ڪئن

خودي ۽ منجهه شراب، مور ڪـــ، لوڪ آپار ٿيا.
مــحي و يـنـا سـت سـيـ، جگت جـو إسباب
اڳيون ڪـال قهار جـو، سامي جهان اَـاب
هر هر ڏيـن حساب، سمجهه ورائي سگها.

سو ٿيو، چوراسيءَ جو چڪر- جو چڪر ڪان مڪت آهي سو ٿيو پڌيءَ سهت نهه ڪرمي، هـن مهاپرش جي باري ۾ چوي ٿو:-

فـڪيرن فـرمـان، محبو محبوبـن جـــو
ڌـن ڪبي ڪڍيو اندر مـون ايمان
گهڙي لڌائون گهر مون، انيڪي آتم گيان
ٿيڙا سي پروان، اڳيون عجيبن جـي-

هيءُ تصوفي ۽ ويدانتي ڀاشا جي حساب جيؤ ڪلـ جو گيان آهي. "انيڪي آتم گيان" ويدانتي رمـ آهي. ۽ "پروان اڳيون عجيبن" سو جڳڪ صوفيانو ڪلام آهي. پر ساز جي سر جنهن سلام آهي، سو سائيو آهي. منزل ڪو پيد ڪونهي پـروان پد يـا معرفت جو مارگ هيءَ حاصلات آهي، جنهن لاءِ نهه ڪرمي جي ڪتا ڪثي ويئي آهي. جو هن ڏاڪي چڙهيـ تنهن من رنگ لڳو ۽ تنهن حقيقت جي پرور پيئي حاصلات ڇا آهي؟ اکر چڏي حقيقت جـو ورن آهي تـه:ــ

سامي سوئي ڪر، جنهن ۾ ڪرڻو نه رهي.

سرنديءَ کان ٽالو، سدائين گرمڪ ڪري
جنهن پرچي پيتو پر ڪري، پريم جو پيالو
سڀ گهٽ ڏسي سپرين، نيڻ جان نرالو
سامي سڪالو، ورلي ڀيو ويچار سان.

پريم جو پيالو پئي ٿو. پر ڪري پئي ٿو. يعني ڪمي ڪانه ٿو رکي. پر وهنوار ۾ هو "ويچار" سان ورلي ٿو.

ويچار سان ورلڻ جي وڏي سمجهائيندي سامي پين ٻن گڻن جو احوال ڏئي ٿو ۽ سي آهن "شڪر" ۽ "صبر". چوي ٿو:-

شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان گڏ يا
چڙهي جي چوڏول ۾، ڪو جهولي نرپڪ نر
پرچي لڌو جنهن پنهنجو، اُنيءَ آدي گهر
ميٺي ڏکڻ ڏمر، سيتل ٿيو سامي چوي.

سيتل من جي پراپتي، اها منزل آهي ۽ ساڌن آهن شڪر ۽ صبر جا گڻ هئڻ. يا ائين به چئجي ته شڪر ۽ صبر ظاهري صورت آهي من جي، جو من سيتل آهي يعني سيتل سڀاو وارو انسان هميشه "شڪر شڪر" جو جاپ پيو جپيندو آهي جنهن کي هوند صوفياڻي ڪلام "ذڪر" چئجي.

ٻڌو؟ سائينءَ سان لنءُ لڳائڻ يا سائينءَ لاءِ لڳن هئڻ،
اُهڙا شبد نه گيتا ۾ اچن ٿا ۽ تنهن سان گڏ 'ٻڌي'
شبد جوڙي گيان ڪٿيل آهي جنهن کي ”ٻُڌ يوگ“
جو پاٺ چئجي ٿو. ڏسجي ٿو ته 'لڳن' جي بيهڪ
اُنداز کي سامي شاعراڻو چولو ”عشق“ جو پهرايو آهي.
هوُنءَ ته حساب بيهي نٿو. مطلب اِهو اُٿس ته عشق
پاڻي ڪماءِ پر عشق جي سواريءَ کي به لغام جي
ضرورت آهي جنهن کي ٻڌي چئجي ٿو. قلندري پد
نيڪ آهي. پر اها مستي چوويهه ئي ڪلاڪ ڪانه
هلندي. بي خوديءَ ۾ خودي يعني هوش جي
اُنگ جي ضرورت آهي. سچل سرمست لاءِ عشق
معنيٰ عشق. اُت عقل لاءِ ڪائي گنجائش ڪانهي.
پر سامي ڪنهن بيءَ رمز هلي ٿو جا شاه جي خيالات
سان ويجهڪ ميل ڪائي ٿي. هيءَ ٻئي راه رندي نه
پر سالڪ جي راه هلڻ چاهين ٿا. اُڏام ۽ لغام، ٻنهي
جي جاڻ، جيون رهڻ چاهين ٿا.

ساميءَ جو نيڪو آهي ته هوُ ويدواڻي سنڌيءَ ۾
ٻڌائي ٿو يعني سادي ٻولي ۽ سولو سادو ڍنگ.
تنهن مراد اُنجام ڏيندي چوي ٿو ته روحانيءَ راه
تي ”ويچار“ ڪان ڪم وٺ. 'ٻڌي' لفظ جي معنيٰ
کي ويجهڪ سولو ڪري سمجهائڻ جي خيال 'ويچار'
لفظ ڪم ۾ آندو اٿس. چوي ٿو:-

ڏنو تہ تون ڪٿري ورن جو آهين. جنگ جو تڻ
تنهنجو فرض آهي. فرض جي پورت مڪتيءَ جي
پراپتي آهي. 'راه' لفظ جي پنيان وڏو راز رکيل
آهي ۽ جو آهي تہ دين ڌرم جي بدل سدل گناه
آهي. اڌ ياءُ ۴ سلوڪ ١٣ ۽ اڌ ياءُ ٣ سلوڪ ١٦ ۽ ٣٥ ۾
هن حقيقت جي جاڻ ڪرائي ٿو. اهڙن ويچار ڪن
ڏي اشارو ڪندي سامي چوي ٿو تہ اهي بندي
سنڌي اُستاديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿا جا روحاني راه
تي گستاخيءَ جي چال آهي ۽ انهيءَ راز جي اڻ جاڻ
تہ هر گهر، اگهر جو گهر آهي، تنهن ڪري هر جيو ۾ئي
جو ثاني شريڪ آهي ۽ جي تون چئين تہ تون آتم
گياني آهين تہ پوءِ هن حرڪت کان باز اچ....

ڪفر ۽ اسلام جو جهيڙو، هن حرڪت جو فسانو
آهي. سنڌي درويش هندو، خواه مسلمان، هن حرڪت
کان باز اچڻ لاءِ پنهنجي شاعري فن، واه جو اظهار
ڪيو آهي. ڪفر هڪ عالماڻي مضمون جي آتم وشيہ
آهي. شاه صاحب پنهنجي روحاني رمز هن تبديل
حرف 'ڪفر' تي اهڙو گهاٽو رنگ چاڙهيو آهي، جو
مسلمان تہ هندوءَ کي ڪافر چوي ٿو تہ پر خود هندو
بہ ائين محسوس ڪري ٿو تہ هن ۾ ڪافر چوائڻ جي
لياقت ڪٿي آهي؟

شاه صاحب چوي ٿو تہ هيءُ دين ڌرم جو رولو

چئن پاون چار نالا. پر جا سيج جڙي تيار ٿي
تنهنجو نالو ڇا؟، سامي تنهن کي نالو ڏئي ٿو
"وويک" چوي ٿو:-

محبوبن جي هڪ ٽڪ رکن ٽيک
ور تن ساڻ وويک، ساکي ٿي سامي چوي.

ماڻهوءَ ماڻهوءَ فرق آهي وويک جو وڪاس.
وويک جي بدران منصف لفظ شاهه ڪم ۾ آندو آهي.
"منصف منجهه وهار" هيءَ شاهه جي هدايت آهي
ته پنهنجي اندر کي صاف سوڌيءَ دنيا ۾ وهنوار
ڪر ته تون ائين پرن پورو رهندين. معنيٰ محبوب
سان به ته مخلوقات سان به، آتم سان به ۽ "آتم رام"
سان پڻ. هيءُ آتم گيانيءَ جو سڀاءُ آهي.

هيٺين آتم گيانيءَ جي ذات پات جي قول ڪانه
هوندي آهي. سامي تن کي "نرپک نر" چوي ٿو
۽ سائين سڀاجهي ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿو:-

ڪي پڇائين ذات پات، ڪي پڇائين راهه.

کهڙي ڏين ڏرم جو نپو لڳل آتئي يا کهڙي
ورن جو آهين سا پڇا محبوب ڪونه ڪندو آهي.
هيءُ گيتا جي اَڌياءُ ۴ جي سلوڪ ۱۱ جو سار آهي.
ورن پور هئي جي ورڇ جي مدنظر مقرر ڪيا ويا
آهن. تنهن خيال ٽي ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي گيان

وڪي انهيءَ حرڪت ڪري ڪافر چون ٿا ۽ تنهنجي
رم ڪي ڪفر. پر مان توکي ڪافر نه چوان، ڇو جو
ـون، انهيءَ شرڪ يعني ڪفر جي ليمن سان سچو
ـه آهين، تنهن ڪري تون مهرباني ڪري نه تلڪ
ـڳاءِ ۽ نه جڻيو پاءِ، شاهه ڪٿي ٿو وڃي ڌڪ هڻي.
ـمجهوُ ڪي سمجهڻ نه برابر اهـا ڳالهه صحيح آهي
ـه مان ڪافر جي خطاب حاصل ڪرڻ جو اُڌ ڪاري
ـه آهيان.

هاڻ وري منهن ورائي شاهه صاحب پنهنجي دين
ـائين ڪي ٿو چوي:-

ان پر نه ايمان، جنن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهئين.

هندوءَ جو جڻيو. تنهنجو ڪلمو. نه جڻيو پائڻ سان
ڪو هندو بڻجي، نه ڪلمي پڙهڻ سان مسلمان. جيسين
ـغا دل ۾ آهي، تيسين دعا دوا ٿي نه لڳندي،
ـلمي نه دعا پنڻ جو طريقو تنهنجو ڪهڙو به هجي.
ـاهه صاحب شرڪ ۽ شيطان لفظ ٻئي هڪ سڪو ڪري
ـليا آهن. شيطان معنيٰ نفس. چيائين تون به نفس
ـو غلام آهين جا غلامي نه بت پرستيءَ ۾ شمار آهي.
ـطاب نه هندو توڙي مسلمان، سڀئي پير ٻنهي مان

آهي. هڪ دين اسلامي ٻيو ڌرم سناتني. اِهي نال
آهن. هاڻ فرض ڪر منهنجا هندو سڄڻ ته تنهنجي
ڌرم جو نالو سناتني نه پر شروع کان ٿي 'ڪفر'
دين ڌرم کي پنهنجا پنهنجا نيم ۽ عقيدا آهن. مون
کي اُرمان هن ڳالهه جو آهي ته تنهنجي ڌرم 'ڪفر'
جا جي نيم آهن تن جي تون پوري ٻجاوري ڪون
تو ڪرين ته مان جيڪر، سچ ٿو چوان، ته توکي
ڪافر چوائڻ جو اَڌڪار ڪونهي. نالي ۾ ڇا رکيو
آهي. جيڪي آهي سو نيم ۽ اَدب آهي، جنهن جي
توکي ڄاڻ آهي ڪان ته تون بي دينو آهين. جو بي
دينو سو ڪافر. هيءَ شاهه جي هيٺ ڄاڻايل بيتن جي
آڌار هڪ ٽيڪا آهي.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوناءِ،
هندو هڏ نه آهين، جٽيو تو نه جڳاءِ
تلڪ ٽڪين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

شاهه صاحب جا اکر ڏاڍا سادا سوڌا آهن پر معنيٰ
ڏنگي اکرين رکي ٿو. پهرين مصرع ۾ ڪفر لفظ ڪم
۾ آندو اٿس. ٻيءَ ڇڙيءَ واري مصرع ۾ شرڪ لفظ
ڪم آندو اٿس. مطلب ساڳيو آهي. شرڪ مان شارڪ
۽ ڪفر مان ڪافر. شارڪ سو جو ٻئي ڪنهن ڏٿي
جي هستيءَ جي شريڪ معنيٰ برابر سمجهي. سائين
لاثاني آهي. هن جو ڪو شريڪ ڪونهي. مسلمان

جيئو هو ارجن کي، نه همه حق آهي ۽ حق همه آهي.
ته ڪير ٿو ڪنهن کي ماري ۽ ڪير مئو اهو اگيان
آهي. همه کي حق مڃڻ اهو آتم گيان آهي ۽ آتما
ذات پات جي صفتن جي محتاج نه آهي ۽ نڪا هوءِ
جنم مرڻ جي چڪر ۾ پوڻ واري آهي. تنهن ڪري
اِئين چوڻ ته مان ڪريان ٿو ۽ تنهن ڪرڻ ڪارڻ هيءَ
ڳالهه ٿي، سو دم ٿون نه هڻ. ٿون ڪو سبب نه آهين.
ٿون خود ڪنهن سبب جو ڦل آهين. تنهنڪري اِهي
خام خيال ڇڏي آتم کي امر سمجهي، پنهنجو فرض
پورو ڪر. تنهن ۾ مکتي آهي، باقي سڀ جوٺي
جڳت ۽ ڀڳت.

ھڪ ٻہ ڪونہ ٿو ھاي، نہ ٻئي ڪافر آھيو يعني گھٽ ۽ گھٽ ساٺين لوڪ نہ آھيو. باقي ڪي ٻہ ھجو تنھن ۾ پنھنجي نہ ربي نہ خريف.

شاھ جي ھنن ھدايتن جي برابر روحل رند فقير جو ھيءُ ڪلام آھي.

ڪفر ۽ اِسلام ۾، ٿا پرين اپنا پير
ھڪ ھندوُ ٻيو مسلمان، ٽيون وچ وڏائون وير
انڌن اونڌہ نہ لھي، تن کي سچ چوندو ڪير؟
پر روحل راہ پرينءَ جي، جان گھڙي ڏنوسين گھيڙ
تہ رب مڙني ۾ ھڪڙو، جنھن ۾ ڦند نہ ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبي الله ۾.

ھيءُ روحل آھي ”ڪنبڙيءَ ۾ ڪرتار ڏٺوسين“ جو ٢١ ورھين جي ڄمار جو پڪي ڪني فقير ھو، جنھن ساميءَ کان اڳي، گيتا جو گيان ڪٿيو تہ راہ ڪھڙي ٻہ وٺين پر آخر ۾ ايندين مون وٽ، جو مان ھڪ آھيان ۽ ساري سرشٽي منھنجو ڪعبو يعني گھر آھي. پوءِ ھندو يا مسلم تہ دنياداري آھي باقي جا حقيقت آھي سا آھي تون ڪ مان يا ڪو ٻہ ٻيو سو آدميءَ ليکي آدمي آھي، جو منھنجي دم دم ڪٽي ٿو، جو ڏسڻ جو ڏانءُ آھي ۽ شاھ چوي ٿو تہ ”ڏسڻ ڏسين جي، ھمہ کي حق چئين.“ تہ ڏھن ڪرشن ڀڳوان

هيءُ ساڌارڻ گيان آهي. روز مره جي زندگي گهارڻ لاءِ هڪ خوراڪ آهي. سامي ٽنهن واڪ يعني سنتن جا وچن چوي ٿو ته جڳ ڀوڳي ڪٽڪ ڪانه لڀي آهي. پوءِ جي رستي پنڌ ٽوڪي ڪندا ڇپن نه آرام ڪوه ڪرين ٿو؟ آتم گيان جو خلاصو ڪندي سامي هيءُ سلوڪ چيو آهي.

بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي
ٽوڙي سڀ سادن ڪري، پڙهي ويد پراڻ
سامي چوي سنسار کي، ڄاڻي سپن سمان
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي به ائين چيو.

هن سلوڪن جي پٺيان جا ڀاونا ڀريل آهي، سا فرق ظاهر ڪري ٿي ته ڪٿن سامي زندگيءَ جو ڪل جوڙ ملائي ۽ گيان ڪٿي ٿو ته جو جيءُ جنهن پد تي پهتو هجي سو سندس ڪٿيل گيان مان ضرورت انوسار لاڀ حاصل ڪري ۽ جيون سڦلو ڪري.

آتم گيانيءَ لاءِ سنسار سپن سمان آهي، ڇو جو آتما مري ڪانه ٿي ۽ نڪو ماري ٿي. تنهنڪري ڪرم جو ليپ ٽوڪي ڪونه ٿو لڳي. پر ڪرڪيتر جي حساب هيءُ سنسار حقيقت آهي، جت ٽون ڀوڳين، ڀوڳيندو ۽ وقت کي سلام ڪري لنگهندين به. اِهو وقت جو سلام جنم مرڻ جو چڪر آهي. پر ڪيتر اِهو

ڪرم ڦل ڪنهن لاءِ

سامي ءَ ”آتم گيان“ ڪٿيو آهي. پر سا زندگيءَ جي هڪ ڳوڙهي راز جي ڦولهڻا آهي. هر موقعو ڪو ڪرڪيتر جي لڙائيءَ جو نه آهي. آتم نه مري نه ماري، اهڙو گيان ارجن کي ڪرشن ڀڳوان ڏنو هو. جڏهن پنهنجا مٽ مائٽ، گروُ گرديو، جنگ جي ميدان تي ڏسي، موهه وس ٿي ڪري هٿيار ڦوهار ڦٽي ڪري ۽ اُداس دل ٿي ويهي رهيو. ڪرشڻ ڀڳوان تڏهن کيس آتم ٻڌ کان جاڻ ڪرائي هئي ۽ ’ڌرم‘ جي به جاڻ ڪرائي هئي ته ڪتري ڪُل جو ڌرم آهي لڙائي جوٽڻ نه ڪ جنگ جي ميدان تان ڀاڳي ٿي ڀڄڻ.

پر ڪرڪيتر کي ڪرم ڪيتر به چوندا آهيون. ڪيتر معنيٰ هي ءَ سنسار ۽ ڪرم معنيٰ تنهنجو ڪرم تنهنجي ڀوڳنا - جو ٻوڪيندين سو لڻندين. ڳڻتيءَ ڳرڻ اُت هاج نانهه، سامي چوي ٿو:-

ڳڻتيءَ ڪوهه ڳڻي، مور ڪـــ، پنهنجي من ۾
گهٽ وڌ ٿيندو ڪينڪي، لوڙي ٻئي هٿ هڻي
ٻيجي جو ٻانيڻ چوي، هرڪو ٻـــار ڪڻي
جي لوکي واڪ وڻي، ته سمجهي ڪڻ سامي چوي.

ٻوليءَ ۾ چوي ٿو:-

”تنهنجو رکج ڀرم“ تنهنجو معنيٰ مانڪ ڏيهه اُتم جو ڀرم رکج - يعني عزت ڪج ۽ نيمن جي پُوري پُوري پالنا ڪج. جنهن ڪرسيءَ تي تون آهين تنهن ڪرسيءَ جو ڌرم آهي. اُن ڌرم جي پالنا آهي، اُن ڪرسيءَ جو ڀرم رکڻ. چوندا آهن ته واهه جو پنهنجو ڏر جو سنڀاليائين! ڪڏهن ڳالهه نه ڏيار يائين ۽ ائين پنهنجي ڪرسي سنڀالي هاڻ مزي سان وينو پينشن ماڻي. هڪ مثال ڪري ڏيکاريائين. هيءَ ساميءَ جو مطلب آهي ته سيٺي ڏيهه ڌارين ۾ مانڪا ڏيهه اُتم آهي. ته هن ڏيهه جو ڀرم آهي ته تون اُتم ڪرم ڪر، ته ڪيتي اُتم رهي ۽ محنت لاڀدائڪ ٿئي.

تڏهن ’ڪرم ڦل ڪندلي‘ تنهنجي اِخلاق جو نتيجو آهي. اِخلاق ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. اِها شڪتي آهي جا توکي معنيٰ ڏئي ٿي. اِها شڪتي پل ڏسڻ ۾ نه اچي، پر اِها ٻوليندي آهي. اِنهيءَ جي آواز کي اسين ووڪ چوندا آهيون. هيءَ تهه جنهن کي سرير چئون ٿا. سرير ناسونت آهي پر آواز ۽ اِخلاق مرن ڪرنه ٿا. تڏهن تون هڪ راز آهين. اَمر آهين حالانڪ لڪائي مرڻ پئو آيو

اَٿئي، جو اڄ تون ڏسين ٿو ۽ چئين ٿو تہ آهي. وري جڏهن وري هن کيتر ۾ رهيل حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ ايندين تہ تنهنجي اٽڇاڻ تہ توکي خبر نہ آهي تہ ڪو تون هن کيتر جو اڳـــ، ٻي نرواسي هئين ڪوئي نرڪ ڪونهي تہ تون ڀڳتان نہ ڀريندين. پنهنجي جاڻ کانسواءِ تو پنهنجي ڪنڌلي ناهي آهي، جا تنهنجي چنيءَ ۾ ڇپي پيئي آهي. اِها ڪنڌلي ڪمال ڪندي. تنهن ڪمال تون زير زبر جو فرق ڏٺو رکي سگهين. قلم وهي ويو ۽ هاڻ بند آهي. تنهنجو ڪرم تنهنجو قام آهي. قام ليک لکي ٿو. تون اُهي پنهنجا لکيل ليک نٿو پڙهي سگهين تہ پوءِ اِهو تنهنجو ڀاڳ توکي ٻيو ڪير سمجهائيندو.

قام بند آهي! معنيٰ جو لکجي ويو سو لکجي ويو. وئي جي پٺيان هوءِ هوءِ ڪرڻ مان ڪجهہ ڪڙ تيل نہ نڪرندو. پر اڳتي تہ قدم سنڀالي کڻ. جي اِها رهت رهين تہ تو لڪ ڇا پر سڀ ڪجهہ ڪٽيو ۽ فخر سان چئي سگهين ٿو تہ صبوح جو بگڙيل تارو جي وري شام جو چمڪي اُڀريو سو بہ جڻ نہ بگڙيو- هن ڀاونا ڀريل سندس پرٻوڌ آهي :-

' مالڪ ديهہ اُتم ليکي نہ لائين.'

' ليکي نہ لائين' هدايت کي وڌيڪ سولي سنڌي

يڪو ۽ ٻڪو

هر درويش ذات پات جي ڀيد ڀنا، اوچ نيچ جي ڀاؤ ڀنا دوست جو ديدار آهي. اُهي ٻه ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته هر پراڻي پريتم جو پردو آهي تنهن م جنهن منجهه منهن موڙي مک پسيو سو هر جن ۽ جو هرجن سو هر ورن ڪان وانجهو. سامي چوي ٿو:-

وڏي وڏائي سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اُوچ ٿيا ڪيترا ڪري ڪمائي
ٻيد چمار جلاها پيچارا نائي
جنهين لنؤ لائي سي سڀئي سڌريا.

”سڌريا“ معنيٰ ڇا؟ بگڙيل - سڌريل. ٻه لفظ آهن. هڪ ٻئي جو ضد آهن. يعني اڳ، جي بگڙيل هئا سي هاڻ سڌرِي پيا. روحاني راهه تي بگڙيل معنيٰ جنهن کي ديهه ايمان هجي ۽ سڌريل معنيٰ جو ديهه اندر ديدار ڪري دوست جو. جو ديدار ڪري سو خود ديدار هؤ پاڻ ڪونه، ٿو چوي ته ڪومان خدا جو ديدار آهيان. پر لوڪ ائين مڃي ٿو پوءِ ڇو ڪين هو درويش ڪٿو پائي ته ٻه لوڪ اُن ڪي راڄ جو انول مڃي ٿو ۽ ڪٿان جو ڪٿان کهي اُچي مٿو

آهين. جڏهن جامو ڇڏي ڀڄندين تہ اهو آواز
۽ اخلاق ٺهہ بہ ٺهہ، ٺهن بہ ٺهہ ’راس‘ جو ٿي ڪري
ڪم ڪندا. انهي۽ راس جي آڌار تنهنجي ڪرم ڦل
ڪنڊلي تيار ٿئي ٿي. هي۽ ڪنڊلي ڇا پر هڪ
قسم جي هنڊي آهي جا تو ڀاڻ پنهنجي هٿين
اکرين ٻاڻ تي جاري ڪئي آهي، سا هاڻ توکي
ٿي ڀرڻي پوندي. ٻيو ڪو ٿلهي نہ پوندو -
چوندا آهن سڀڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي ٽنگي،
ڇو جو جنهنجو ڪرم، تنهنجو ڀوڳڻ.

اِشارو ڏنو اٿس تہ جي سيتا اِنهيءَ ريکا جو مرم رکي ها تہ راوڻ کيس ڀڄائي ڪونہ وڃي ها. تون آئم آهين پنهنجي اَگيان ويساه جو ٻنو ڏيئي ۽ اِنهن پنجن راوڻ روپي وڪارن کي هن طرف نہ ٿي رهڻ ڏي تہ پوءِ رامائڻ گيان ٿيو نہ تہ ڪٿا هن کن ٻڌي ۽ هن کن هوا ٿي ويئي.

'رن' تنهنجو ضد سهاڳڻ. خارن وچان ساميءَ وقت ۽ اِنسان جي ڪريل حالت ڏسي اِهو سخت لفظ ڪم ۾ آندو آهي. نہ تہ مطلب سهاڳڻ سان اٿس. سهاڳڻ سان گهوٽ هوندو. تہ پنج سهاڳڻيون تن جي پنجن گهوٽن ڏانهن اِشارو ساميءَ جو ڪونهي. گهوٽ هڪ آهي جنهن کي پنج زالون آهن ۽ گهوٽ آهي 'من' اِنهيءَ من کي مار معنيٰ وڪارن کي ڏهڳ ڏي تہ تون جيتي هلئين جڳ ماں. درجا پنج پاس ڪرڻا ڪونهن. درجو هڪ ئي آهي ۽ پاٺ آهي، "من جيت جڳ جيت تہ جڳديش چوائين."

ڪارڻ آهي تہ طب بہ آهي. من مست هاٿيءَ کي قبضي ۾ رکڻو آهي. تہ ساڌن ڇا آهي؟ "وچن تي ويساه." سامي چوي ٿو:-

ٽيڪي ٿو.

هيءَ ڪمائي ڪي سلام آهي ڪمائيءَ جا درجا آهن ۽ ڪمائي جا ساڌن آهن. ائين نه ڪمائيءَ جا پنج درجا هيٺ گهرجن ڇاڪاڻ ته وڪار پنج آهن. عجب ڀاشا آهي ساميءَ جي! پنج وڪار معنيٰ پنج رنون.

ڀر ٽيون ۽ پنا ويساهين ويڙهي رکيا
سمجهائون سامي ڇٽي ساري لاوڪنا
چڙهيا انيءَ اڄ ٽي پلي پنج رنا
وڌا جنهن ٻنا اڳيون آتم رام جي.

ڇا ته پنهنجي ڪلا جي ڪمال جو ثبوت ساميءَ ڏنو آهي ۽ ڇا ته خيالات جي بلندي! آد جي ڪهاڻي ڪنٿين اٿائين ۽ جا آد ئي رهندي. ڪهاڻيءَ جا لاوڪنا جي ڪلا ڪٿڻ ڪان ٻاهر. يعني جنهن لاءِ اها الف ب ۽ ماترائن واري ڀاشا ڪارگر نه آهي. روحاني راهه تي جو پنڌ ڇڪي ٿو. تنهن جو احساس ڀاشا نه ٻڌائي سگهندي. هيءَ ساري ڪٿا ويساه جي آڌار ڪٿي وڃي ٿي. يعني جت واد وواد جي لاءِ گنجائش نه آهي ۽ ڇا تشبيه ڏني اٿائين "ٻنا" ڏاڍو سادو لفظ آهي. هاري ٻه اهو لفظ سمجهي سگهي ٿو ته هوءَ پنهنجي ٻنيءَ، کيت، کي ٻچائڻ لاءِ ٻنا ڏيندو آهي. هن سان رام جو نالو جوڙي لڇمڻ ريکا جو

ڪيچ ۾ ڪري سٽو آهين. 'ترشنا ڏائڻ' جو ڊرنگي
ڪو. تنهنجي دل دليلن جو داستان آهي، ويساهه
جو آستان نه آهي. ۽ سا دل عليل آهي.

اوديا چنڊالي ويڙهي ويئي جيءَ کي.
پائي ويندا ڪيچ ۾ ترشنا ڏائڻ رن
بانيڻ بڌ ۾ نات ڪوڙا مايا موهه جا
ڪٽي هٽندءَ ڪنڌ ۾ اِها ڏائڻ ڏات.

جيئن سچل سرمست تئن سامي خار باز. هيءُ ساميءَ
جي هتان هتان سلوڪن مان گڏ ڪيل سنڌس زباني
آهي جنهن کي ڇڏجي گروءَ جو وچن جنهن لي تون
ويساهه رکي دنيا ۾ رهت رهي پنهنجو جيون سڌار
جو آهي-

ڪيائون وس ويساهه سان پرچي من پون

اهڙو-

ويساسي واصل وڃي ٿيو وحدت ۾

يعني-

پائي سمهيو ڪيچ ۾ لال پڪو.

وچن لي ويساهه رکيو جنهن رهت سان
سو اُتي اَنترمک ٿيو درد وند داناءُ
سامي لڌائين سر تي روم روم مون راهه
پائي پد اَسگاهه چڙهي وينو چوڏول ۾.

'وچن؟ ڪنهنجي وچن لي؟ گروءَ جي. ۽ 'رهت'؟ ست سنگ ڪرڻ. سامي گروءَ ۽ ساڌ سنگت لي ڏاڍو زور ڏنو آهي. چوي ٿو:-

جيڪو ڪمائي ڀڳتي گروءَ ويساهه سان
سهجي سو پائي جيون پدوي گهر ۾

گروءَ جي وچن تي ويساهه هڻڻ گهرجي. ۽ گروءَ جو وچن ڇا آهي؟ ته:-

ڏيڻي لت نه لوڙهه مانڪ ديهه اَمول کي.

مانڪ ديهه اُتم خزانو آهي اِنسان کي مليل. پر هوُ سو لٽائي وينو. چوي ٿو:-

اوديا رن لئي ٿي خاص خزانو سڀ جو
جرڙي جيڻن کي ٻنڌي گهيرت سان گهڻي
پيارا پنج ٻچي ڪري راليون ڏينهن ڪئي
ڪو سامي سنت ڇني ڪري حمايت هرجي.

۽ اَوديا ڇا آهي؟ ته جڏهن ڪ لنهنجي ڪڇ ۾ هڻڻ گهرجي اِڪ رنگي 'يڪر' ته لون شوق پئي

سمجهاڻي اکر ساردُول جي

سروق لي هن گيان ڪٿا جو سِرو آهي "ساردُول". سنڌي لغت ۾ "ساردُول" لفظ جي معنيٰ آهي "شير". پر جي اِها معنيٰ ٿي وٺجي ته روحاني راز جو سلوڪ ۾ ڇپيل آهي سو نه رڳو پورو نٿو کلي پر سارو مطلب اُلٽو ٿي ٿو وڃي. تشبيهه آهي شڪارگاهه جي ۽ شڪار آهي وڪارن جو جي اندر جُوءِ معنيٰ جاءِ يعني هيءُ جسم پنهنجو اَڏو ڪري ويٺا آهن. گاج معنيٰ آواز. هت معنيٰ منتر جو اُچارڻ جنهن جي زير بار وڪار پڄي وڃن يعني ڪرم ڪرڻ جي ضرورت نه پوي ته پوءِ من ٿئي اَمن معنيٰ "شانت دَر" درجو حاصل ٿئي. پر جي اِها گاج شير جي آهي جا ٻڌي مرگن جُوءِ لڄي ته مطلب نه ٿو ڇٽي. هڪ ته شير جڏهن شڪار تي نڪرندو آهي ته آواز نه ڪندو آهي. چپ چاپ ڪري قدم کڻندو آهي. ٻيو ته جي شير گجگوڙ ڪندو ته مرگ معنيٰ هرڻ پنهنجي جُوءِ ڇو ڇڏيندو؟ هُو ته هتائون پنهنجي غفا ۾ لڪي ويهي رهندو. ٻيو ته ڪوئي ڪونه. هوڏانهن اسان کي ڄاڻ آهي ته شڪاري جڏهن شڪار تي ويندا آهن ته مرُون کي ٻرن مان ٻاهر ڪڍڻ

سرورق

هر مڪان اَديبن ۽ پرين تا اَمر اَدب جي ساک،
هر صوفيءَ ڪلام آهي پاڻ، پر ڇڏي هڪ جي ساک،
نه چنڊ تارا ٻڪي ترشؤل عالمگير آدم جي پاک،
آءُ پيهي منجهه اوتار لڳن لڳاءِ حق قلندر جي راک،
مٿي محفل يارن جي عشق جي آهي اوطاق
آهن وينا بند ڪري دين ڌرم جو طاق
رات ساري لڏون لاٿ، رات باقيءَ آهن ٻي ٻاق
جڏهن ڪرل پيوسين ڪن تڏهن ڪليون تن جو طاق
قلندري آهي تخلص منهنجو پر آهي ڪٿي قلندر
نقل آهي تخلص منهنجو، منهنجي آهي ڪٿي مُصدر
وچ نه دل دهلجي ڏسي نظارو خون تر
سُر پڏي ٻِر ڏنائون تڏهن لڏائون شانت در

صحيح نامو

ص -	سٽ -	صحيح
	١٣	هيءَ لڪ
	١٤	نہ پٽي
X	١١	سلوڪ آهي
XV	١٩	Reverence
XV	٢١	Divine
XVI	١٨	November
XVII	٢٧	305001
[illegible]	٨	نگر
١	٤	لي الله
١	٢٠	م نہ
١	١٥	هٽي.
١	١٦	بندا داموڊر!
١	١	ڊيوٽي
١	٢	نانت
١	١٩	وادي
١	٣	پريم پرواهہ
٢	١٦	پري ٿي
٢	١	ٻي حرفين
٢	٢٠	استت

ص -	سٽ -	صحيح
٢٦	١٣	ڏيھہ ودیھہ
٢٧	٢	پنھون
٢٨	٦	پاڻهين هڻڻ
٢٨	٩	خاڪ پاڪ
٣٠	٣	پيا
٣١	٨	هڪ نہ
٣٧	٦	پنھنجو هٿ
٤٢	١٧	لڇڻيس
٤٣	٥	اونءَ لونءَ لنؤ
٤٨	٣	چونڊول
٤٩	٣	سڌ
٤٩	١٦	جو
٤٩	١٧	اُولده
٥٠	١٩	آهن سي
٥٢	٢	آهي. هن
٥٨	١٤	ڪلا جو
٦٢	١٠	قالُوا بليٰ
٦٦	٥	آهي. هيءَ
٧٢	١٩	اگهاڙو

لاءِ وڏو نغارو وڄائيندا آهن جو پڙاڏو ٿي ۽ مرو
جي ٻُڌڻ ۾ گونجندو آهي، تڏهن گهرائيءَ مرو
جوءِ لڳيندا آهن ۽ شڪار ٿي ويندا آهن.

هن حساب ساردُول ٿيو وڏو ڍهل ۽ گاج ساردو
جي ٿيو گرمنتر جنهن جي اُچارڻ سان پاپ ڪرم پ
ويندا. پوءِ جيڪو شانت درجو طالب حاصل ڪري
سو ٿيو سچل موجب "حيراني حيرت" ۽ شاهه لاءِ ت
"چانڊاڻ ئي چانڊاڻ" ۽ سامي سنت سڄاڻ لاءِ ٿي
"اَڇ". هيءُ اُهو شانت جو درجو ٿيو جتي پهچ
ڪٽجي ۽ خود شانت ۾ شانت ٿي وڃي. يعني ڪ
۾ اُحساس ڪرڻ جي ٻُوجهه ۽ شڪتي نه رهي.
سڀ ڪهڙي حساب؟ ساميءَ جي گاج "ساردُول
جي برابر شاهه جي "روح رباب" وڄڻ ڪار
تنهن ڪري ساردُول جي معنيٰ شينهن نه ٿي ڪر
ڍهل ٿيندو ۽ گاج ساردُول جي هڪ منتر ٿي
جنهن کي روح رباب چئو يا انهد جو آواز. □

Appreciation

Dr. (Prof) S.M. Jhangiani, M.A., Phd. Delhi Deshbandhoo College, speaks:

"The Indian Literature" Nov-Dec. 1979, PP 70-71 Sahitya Akademi Publication.

"Biography is the most neglected branch of Sindhi Literature in as much as only a few biographies have come out so far. "Rakho Rakhan Har" (The Protector) by Lekhraj Hans is therefore a welcome addition.

"Narain Jethanand Merani (Qalandari) deserves credit for un-ravelling the life of hitherto unknown Sufi Saint Sai Tirthdas Giani (Gianchandani) in his biography entitted "Atma Darshan (Self Realization) Giani Sai Tirthdas". Sindhi was a flower-bed of many authors and religions and sufies had found a fertile soil during the kalhora rule which had also witnessed the martyrdom of Shah Inayat Sufi. Since then a number of khown and un-known Sufi Saints, both Hindus and Muslims, have preached the tenets of sufism. Their hearts contained hidden divine sparks. Sai Tirthdas is one such sufi who died in madras soon after partition. The book contains the work of spiritual wisdom of Sai Tirthdas".

ص	سٽ	صحيح
٧٤	١٤	زجانِ
٧٦	٦	جي
٨١	١	فخر جو
٨٦	٣	تاب
٨٦	٦	ڪرمي.
٨٦	١٦	ڪونهي.
٨٧	٨	ضروري
٨٧	١١	وزن

ص	سٽ	صحيح
٩٠	١٣	قولهه
٩١	١٠	گهر اگهر
٩٢	١٩	ڪنهن ڪي
٩٣	٥	پاء.
٩٧	١٨	ڪرم ڪيتر
٩٨	٥	فرق
١٠٢	٢	آهي.
١٠٥	١	آهين ترشنا

قدر شناسي

سرڳواسي شري موٽيرام وليچا ايم.اي، سمپادڪ "اجمير جا اديب" ١٩٧١ع ۽ "ادبي ستارا" ١٩٧٣ع.

"نارائڻداس ميراڻي سنڌ ۾ سيوهڻ دادو ضلع ۾ ١٩١٣ ۾ جنم ورتو. ورهاڱي بعد اجمير وسايائون. الهاس ۾ ايم.اي. جي ڊگري حاصل اٿن. کين انگريزي خواهه سنڌي ادب سان شوق آهي.

سنڌيءَ جي شاعق مضمون نويسن مان هڪ آهي. سندس لکڻي ۽ طرز نئي پنهنجي آهي. خوديءِ ۽ خدا، ذات ۽ صفات، انسان ۽ شيطان نه صرف سندس رچنائن جا وشيه آهن پر ترقي پسند درسي ڪتابن جي ذخيري جي عمدي پيشڪش آهن. آزاد نظم لکڻ ۾ قلم آزمائي ڪئي اٿن ۽ ڪامياب لکڻي داس آهن. ڌرمي فيلسوفي سندن رچنائن جو بنياد آهي. سفيد لباس جو شوق، اديبن جي ماحول جو ذوق سندس انتر آتما جو آواز آهي."